# عجيب عينڪ

# Ajeeb Ainak

قيمت ٠-٧-٠

ميلارام واسواڻي

گل ڦل آفيس، ڪراچي نمبر ١

# آکاڻين جي فهرست


| نالو | صفحو |
|---|---|
| ١- عجيب عينڪ | ١ |
| ٢- دشت ٻلو | ٢١ |
| ٣- عجيب پڳڙ | ٢٧ |
| ٤- گدڙ جي ڪيڏ | ٣٨ |
| ٥- عجيب دلي | ٤٥ |
| ٦- ڳاني واري هڏي | ٥٥ |



Printed and Published by Mellaram Mangatram at the Sunder Printing Press, Teckchand Udhaudas Road Garrikhatta, Karachi.

# عجيب عينڪ

هڪ غريب آدمي پنهنجي زال ۽ ٻارن سان ڳوٺ ۾ رهندو هو. ڪيس ٻه نوجوان نياڻيون هيون. سندس ننڍي ڌيءَ جو نالو پرڪاش هو.

اتفاق سان هڪ ڏينهن هيءُ غريب آدمي بيمار ٿي پيو. دوا درمل لاءِ وٽس پيسو ڪونه هو. ٿورا ڏينهن ڇُڙي ڇُڙي مري ويو. گهر جي مالڪ جي مرڻ پڄاڻا سارو بار سندس زال تي اچي پيو. جنهنکي پنهنجي سنڀال ڪانسواءِ ٻارن جي گذران جو به بندوبست ڪرڻو پيو. ويچاري شاهوڪارن جي گهرن ۾ وڃي ٻهور هيو وٺي ايندي هئي ۽ جنڊ پيهي يا ٻيو ڪو ڪم ڪري ٻه ٽي آنا ڏهاڙي ڪمائيندي هئي، جنهن مان پنهنجو ۽ ٻارن جو پيٽ قوت ڪندي هئي.

ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ ساڳي ڳوٺ ۾ ڇگيرا گهر ڳولي پنهنجي ڀنهي ڌيئن جي شادي ڪرائي کين ساهري موڪليائين. باقي ٻچي پاڻ ۽ سندس پٽ پرتاپ.

ماءُ پوڙهي، پيو مڙس جي موت جو صدمو، مٿان سارو ڏينهن پورهيو. ويچاريءَ جي رهي کهي طاقت به ويندي رهي. ڇوڪريون جيسين ڪم ڪار ۾ مدد ڪنديون هيون سي به هليون ويون ته دکياريءَ جي حالت ويتر پريشان ٿي پيئي. ٿورو ئي ڪم ڪندي هئي ته سهڪي پئجي ويندي هيس ۽ هٿ پير ڏکندا هيس. پٽ ماءُ جي اها حالت ڏسي پرتاپ کي ڏاڍو ڏک ٿيندو هو. هوڳوٺ جي اسڪول ۾ چار درجا پڙهيو هو. دل ۾ سوچڻ لڳو ته هاڻ نوڪري ڪمائيءَ جو فڪر ڪرڻ گهرجي، جئن منهنجي ماءُ کي سک ملي ۽ سندس پيرين پيس ڪا تڪليف نه پهچي.

هڪ ڏينهن ماڻس اڱڻ ۾ ويهي چرخو ڪتي رهي هئي ته پرتاپ چيس ” اما، مان هاڻي وڏو ٿيو آهيان، پاڻ ڪمائي سگهان ٿو ان ڪري

مون کي موڪل ڏي ته ڪنهن وڏي شهر
وچ محنت مزوري ڪريان. سيرجو سير ڏيندو
ڪمائيءَ جي ڪمائي.

ماڻس چيو "نه پٽ! هڪ تون ئي ته منهنجي
حياتيءَ جو سهارو بچيو آهين. تنهنجون ڀيڻر
هيون، تن کي ايشور پنهنجي گهرن ۾ سکيو رکي.
باقي جيڪڏهن تون به هليو ويندين ته مان
ڪيئن ڪنديس؟ نه بچا، مان توکي موڪل ڏئي
ڪين سگهنديس."

پرتاپ چيو "اما، تون ڪو ألڪو نه ڪر،
تو کي ڏورن ڏينهن لاءِ ئي موڪل ڏيڻي پوندي.
شهر ۾ وچ ڪري ڪر سگندس. ڪجهه ڪمائيندس
۽ پنهنجي ڀيڻن کي ڀڀهڻ جهڙو ڏيندس. اسان
جو هڪ ٻنيءَ ٽڪراجايو پيو آهي. جڏهن موٽي
ايندس، تڏهن ڪجهه روپيه ميسر هوندا ڏيڻ
جو جڙ وڻي، کيتي ڪندس ۽ ان ريت سکيو
ستابو ڏيندس. ٻئي ڪنهن اڳيان هٿ ٽنگڻون
ڪين پوندو. تو نندي هوندي سيکاريو هو ته پنڻ
کان پورهيو بهتر ۽ چوريءَ کان موت ڀلو.

پٽ جون اهڙيون ڳالهيون ٻڌي ٻڍي لاچار

تي پئي ۽ جواب ڏنائين ”چوين ٿا نيڪ ٿو پٽ، پر ننڍپڻان پرديس ۾ لوڪي ڪهڙيون ڪهڙيون تڪليفون درپيش اچن.“

پرتاپ - تڪليفون ئي ته مردن جو سينگار آهن، اُنهن بنا ڪو به انسان ڪامل ڪين بڻبو آهي، انسان همت ۽ اورچائي ڪري ته سڀ تڪليفون دور ٿي وينديون. همت جي هميشه فتح ٿيندي آهي.

نيٺ ماڻس موڪل ڏني ۽ پاڻ ڏٺيءَ جي آسري ۽ پاڙي جي سهاري اڪيلي گذارڻ لڳي. پرتاپ ماءُ کان موڪلائي ڀينرن کان به موڪلائڻ ويو. وڏي ڀيڻس کيس هڪ ڪاڌيءَ جو وڳو ڏنو ۽ لٺ ڏنس. ننڍيءَ ڀيڻ پنج روپيا ۽ *اخلاقي سبقن جو هڪ ڪتاب ڏنس. غريب ماءُ وٽ هوئي ڇا جو ڏئيس. هن دل کولي آسيسون ڪيس. سڀني کيس دعائون ڪيون ۽ پرتاپ ڳوٺ مان روانو ٿيو.

* اخلاقي سبق ۴ ڀاڱا. في ۰—٦—۰

گل ڦل آفيس، ڪراچي.

سڙڪ تي هلندو ٿي ويو تہ رستي ۾ هڪ
شخص گڏيس، جنھن ويجھو اچي راھ راھ ڪري
چيس ”ڇوڪرا ڪٿان ٿو اچين، خوش ڇڱو ڀلو
تہ آهين ؟

پرتاپ حيران ٿي ويو. دل ۾ چوڻ لڳو تہ
هي ڪو بہ عجيب آدمي آهي. نہ ڄاڻ نہ سڃاڻ،
اچي ڀاڪي راھ راھ. اهڙو ٿو ڇوٽ رلي ملي جو
ڄڻ تہ ورهين جو واقف آهي. نيٺ جواب
ڏنائين ”پنھنجي ڳوٺان ٿو اچان؛ شھر ۾ ڪجھ
ڪمائڻ جي ارادي سان ٿو وڃان.“

هُن شخص چيس ”سو تہ ڏاڍو چڱو. پر شھر
۾ پھريون سوال آهي پيسي جو. ڪجھ پيسي
۾ اٿئي ؟

پرتاپ جستيءَ سان جواب ڏنو ”هان، جناب!
مون وٽ پنج روپيہ آهن. جي منھنجي وڏي
ڀيڻ هلڻ وقت مون کي ڏنا هئا.

ڏاڙهي چيو ”بس، روپيہ ئي پنج! ڀائي،
اهي تہ ڪجھ بہ ڪينھن، ان مان ڇا ٿيندو ؟
ڏس، مان ڪيتري نہ گھٽي دولت، کٽي شھر
ڏانھن هليو آهيان. اهو ٻڌي هن پنھنجي ڪيسي

۾ هٿ وڌو ۽ انڪل سؤ کن روپيه ڪڍي پرتاپ
کي ڏيکاريا، جي ڏسي ڇوڪرو حيران ٿي ويو
۽ دل ۾ چوڻ لڳو ته هيءُ ته ڪو شاهوڪار
آدمي ٿو ڏسجي. ڇوته هن سان گڏيو وڃان.
ڀالي ڀولي پرتاپ پنهنجا پنج روپيه به اُن
شخص کي ڪڍي ڏنا ۽ آزيءَ سان چوڻ لڳس
ته مون کي پاڻ سان وٺي هل. ٻئي گڏجي
رهنداسون، ۽ جيڏانهن تون ٿو وڃين، مون
کي به اوڏانهن وٺي هل.

ڌارئي سمجهيو ته ڇوڪرو سادو سودو آهي.
ان ڪري هن پنج روپيه وٺي ڪڍي پنهنجي کيسي
۾ وڌا ۽ چيائينس "ڏس ڇوڪرا، سج لهڻ هارڪو
آهي. هل ته هلي ڪنهن ويجهي مهمان سراءِ
۾ رات گذاريون، صبوح جو اُٿي هٿ منهن ڌوئي
وري پنڌ پونداسون. پوءِ گڏجي هلڻ لڳا.

مهمان سراءِ ۾ هڪ ڪوٺي وٺي، سامان رکي
ٿانئيڪا ٿيا. نانوائيءَ وٽ ماني کائي، چار
ڳالهيون ٻولهيون ڪري سمهيا. پرتاپ پنهنجي
ڪنڌ ٿي سيرانديءَ کان پنهنجو ٿيلهو ۽ ڪتاب
رکيو. ساري ڏينهن جو ٿڪل هو، سو سمهندي

کي نند ڪٽي ويس. ڏاريو منڊس پرسان ٻيءَ ڪٽ
لي سمهيو پيو هو.

( ٢ )

جڏهن ڪڪڙن دس هنئي، تڏهن پرتاپ
دستور موافق اُٿي ڪڙو ڏيو. ڏسي ته جنهن ڪٽ
تي ڏاريو سمهيو هو، سا خالي پيئي آهي. باهر
نڪري ڏڻائين ته پتو نه ٿي. وجي مهمان سراءِ
جي مالڪ کي اُٿاري پڇائين ته رالوڪو مسافر
منهنجو ساٿي ڪيڏانهن ويو؟

جواب مليس ته هو ته ڪڏهرڪو روانو ٿي
ويو آهي.

پرتاپ حيران ٿي پڇيو "سچ پچ؟"
سراءِ جي مالڪ چيو "لاتحقيق؟"

پرتاپ جي پيرن هيٺان چڻ زمين کسڪي
ويئي. هو پريشان ٿي ويو ۽ اکين ۾ ڳوڙها
پرجي آيس. روئنٿهارڪي آواز ۾ چوڻ لڳو ته
هن وٽ ته منهنجا سڄا سارا پنج روپيه هئا.
پوءِ سراءِ جي مالڪ کي سارو احوال ڏنائين، جنهن
چيس "ڇوڪرا، تون به ڪهڙو نه ڀوليو آهين.
ڀلا، بنا ڄاڻ پڇاڻ، سواءِ شاهد گواه جي ڪانئس

روپيه ڪٿان نڪرندا؟ هاڻ روپين ڪان هٿ ڪڍي ڇڏ. جيڪي ڏيڻو هو، سو ڏيو!"

غريب پرتاپ اُتان سڌو ڪا پرينڌو، پنهنجي هڙ ڪڍي نڪتو. سڙڪ تان هلندو ٿي ويو. ته هڪڙو ڇمن جو وڻ ڏٺائين، جنهن ۾ ڪارا ڪارا ڇمون ڀيڻا هئا.

پرتاپ ويچارو بکايل هو. خيال ڪيائين ته جيڪر ڪجهه ڇمون ماني ته ڪائي هيان جهل ڪريان. پر پاڻ ننڍو، وڻ وڏو پڇي ڪٿان؟ پرسان هڪ شخص بيٺو هو، جنهن ڪيس چيو "ڇوڪرا ڇمن کائڻ لاءِ دل اٿئي ته وڻ تي چڙهي وڃ. اڄهو هاڻ مون هڪ سرڻ کي هن وڻ ڏي ويندو ڏٺو، جنهن جي چهنب ۾ سوني مالا هئي اُها به لاهي، اچ پڻي شاهوڪار ٿي پوندا سون پرجتي ۽ ڪوٽ هيٺ رکي وڃ، نه ته چڙهڻ ۾ تڪليف ٿيندءِ.

پرتاپ اها صلاح مڃي وڻ تي چڙهيو ۽ ڪوٽ ۽ جتي لاهي اُن آدميءَ کي ڏيئي چيائين "منهنجي سامان جو سماءَ لهج ائين نه ٿئي

جو ڪو ڪٽي وڃي. اُن آدمي جواب ڏنو ته ڀلو ڀلو بي فڪر رهه.

پرتاپ ويچارو مشڪلات سان وڻ تي چڙهيو ته سهين پر پهچي چار جهون ڪائي هيٺ نهاريائين ته ڇا ڏسي ته اُهو آدمي سندس ڪوٽ ۽ جتي کڻي ڀڄندو ٿو وڃي. پرتاپ ويچارو هڪو ٻڪو ٿي ويو ۽ هراس ۾ ڀرجي وڃي هيٺ ٽپو ڏنائين. اتفاق سان هيٺان واري ۾ جو ڏڙو هو، جنهن تي اچي ڪريو، جنهن ڪري چوٽ ٿوري لڳس. مگر ويل سامان جي فڪر اُن ڏک کي به وساري ڇڏيو. هو ڊوڙندو چور جي پٺيان پيو، مگر چور ته وڻ جو ڇوهو ٿيو ۽ هڪ جهنگل ۾ گم ٿي ويو.

نيٺ پرتاپ ٿڪجي ٿڪجي هڪ هنڌ مٿي کي هٿ ڏيئي ويهي رهيو ۽ غمگين ٿي هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو. هاڻ وٽس نه ڪوٽ هو، نه جتي، نه پيسو نه پائي. ڪري سو ڪري ڇا؟ نيٺ هڪ طرف هليو ۽ هلندي هلندي هڪ نديءَ تي پهتو. درياه جي ڪناري تي ويٺو

هو ته ڪيس روئڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، معلوم ٿيس ته ڄڻ ڪو ٻار روئي رهيو آهي.

هن هيڏانهن هوڏانهن نهاريو، پر ڪو نظر نه آيس. نيٺ جيڏانهن آواز ٿي آيو، اوڏانهن ويو. اڳيرو پهچي ڇا ڏسي ته هڪ گرانٺ جيڏو آدمي وڻن جي جهڳٽي وٽ ويٺو روئي. اُن ڄامڙي کان پڇيائين پائي! روئين ڇو ٿو.

اُن تي ڄامڙي جهٽ پٽ هڪ عينڪ ڪڍي، جا ڪانئس ٻه وڏي هئي. اها عينڪ ٻڌي هٿن ۾ جهلي ڏاڍي غور سان پرتاپ کي ڏسي چيائين "چاچا! مان ندي پار اُڪرڻ ٿو چاهيان، پر آهيان جيتامڙو، ٻپ ٿو ٿئيم ته ٻڏي نه وڃان، ان ڪري ٿو روئان." پرتاپ چيس ته اُلڪو نه ڪر. اڄ ته مان توکي ڪلهي پار پهچايان. اِئين چئي هن ڄامڙي کي ڪلهي نديءَ جي پار پهچايو. ان تي خوش ٿي ڄامڙي کيس شڪرگذاريءَ طور اُها عينڪ سوکڙي ڪري ڏني. چي:- چاچا! هن عينڪ ۾ اها خوبي آهي جو جڏهن پائي ڪنهن آدميءَ کي ڏسندين ته



هن جي اندر ۾ جيڪي هوندو، سو ڳوڙهي سندس پيشانيءَ تي لکيل نظر ايندو ۽ اها لکيت توکي عينڪ جي مدد سان صاف پڙهڻ ۾ ايندي. ان طرح توکي هر ڪنهن جي اندر جو حال معلوم ٿي ويندو. عينڪ پرتاپ کي ڏيئي، خدا حافظ چئي جامڙو گم ٿي ويو.

اُن نديءَ جي ڀرسان هڪ شهر هو. پرتاپ او ڏانهن هليو ۽ سڌو هڪ مهمان سراءِ ڏانهن هليو. عينڪ پائي سراءِ جي مالڪ کي ڏٺائين ته سندس پيشانيءَ تي لکيل هو:-

مان نهايت رحمدل آهيان. جيڪڏهن ڪو غريب مسافر منهنجي سراءِ ۾ ايندو آهي ته مان اُن کي مفت رهڻ لاءِ ڪمرو ۽ روٽي ڏيندو آهيان."

پرتاپ اهو پڙهي سراءِ جي مالڪ کي چيو "مهربان! مان هڪ غريب بکيو مسافر آهيان. اوهان مونکي هتي هڪ رات رهڻ ڏيندا؟ صبوح ٿيندي ئي مان هليو ويندس ۽ وڃي روزگار جي تلاش ڪندس."

پرتاپ چيس تہ ائين نہ ڪريو. رستو تمام لنبو آهي ۽ وقت بہ شام جو آهي. ۽ جيڪڏهن ائين اوهانجي جان ڪٺي بچندي بہ، تہ اوهانجو سامان ۽ دولت جيڪا قلعي ۾ آهي، سا سموري لٽجي ويندي.

بيڊيءَ چيو "پر پٽ! مان آهيان بيڊي عورت! ۽ هيءَ منهنجي نياڻي بہ اڃا ننڍي بـي سمجھہ آهي، ڪريون ڪئن؟ جڏهانڪر منهنجو خاوند خدا جي گهر ويـو آهي، تڏهانڪر مان هت اڪيلي پنهنجي نياڻيءَ ۽ هڪ نوڪرياڻيءَ سان رهندي آهيان. بـہ ٽي نوڪر بـہ آهن، پر اُهي سڀ لٽي جو پنهنجي گهرن ڏانهن هليا ويندا آهن. هڪ پهريدار آهي. پر اڄ اُهو بہ موڪلائي ويو آهي ۽ رات شهر ۾ رهندو. پٽ! جي ٿي سگهي تہ تون ئي ڪا مدد ڪر."

پرتاپ چيو آما! مان حاضر آهيان." اهو بڌي بيڊيءَ قلعي جو دروازو بند ڪرايو. ڌيءَ کي نوڪرياڻيءَ سان گڏ ٻئي ڪمري ۾ سمهاري ڇڏيو ۽ پاڻ پرتاپ سان گڏ جي قلعي جي سنڀال ڪرڻ لڳي.

سواءِ جي مالڪ خوشيءَ سان ڪيس رهڻ جي موڪل ڏني ۽ ڪيس ساڻ ونيءَ وڃي ڪمرو ڏيکاريائين ۽ ڪيس چيائين تہ تون هتي بي ڪٽڪي رهہ. ٿوري منهنجو نوڪر روٽي بہ ڏيئي ويندو.

پرتاپ سندس ٿورو مڃيو ۽ ڪمري ۾ ويٺو. ٿوري دير بعد نوڪر روٽي کڻي آيو. پرتاپ هٿ منهن ڌوئي ماني کاڌي ۽ ڀڳوان جو شڪر ڪري ليٽي پيو.

جڏهن صبح ٿيو، تڏهن ناشتو ڪرڻ لاءِ ٻئي ڪمري ۾ ويو، جتي ٻيا بہ ٽي آدمي ويٺا هئا. اهي بہ ناشتو کائڻ لڳا. ڏسڻ ۾ ٺڳي مڪار هئا. پرتاپ دل ۾ سوچيو تہ ڏسڻ ۾ ٺڳي بدمعاش ٿا اچن. عينڪ وسيلي ڏسڻ ڪرڻ گهرجي.

اهو ويچار ڪري هن کيسي مان عنيڪ ڪڍي پاتي ڏانهن نهاريائين تہ سندن پيشانيءَ تي لکيل هو تہ:- اڄ رات جڏهن آدمي سمهي پوندا، تڏهن اسين پراڻي قلع تي حملو ڪنداسون ۽ اتي جيڪا شاهوڪار بڍي پنهنجي ڌيءَ سان رهي ٿي، تنهن جي سموري دولت ڦري پاڻ ۾ وراهي کڻنداسون.

پرتاپ حيران ٿي ويو. حال ۾ سوچڻ لڳو ته هي ٻه ڏاڍا خطرناڪ آدمي آهن. هاڻ مونکي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ انسان جو فرض اهو آهي ته اُوکي ۾ ٻين جي مدد ڪري. جيڪڏهن مان پوليس کي اطلاع به ڏيندس، ته به منهنجي چوڻ تي ڪو اعتبار ڪين ڪندو. ۽ خواه مخواه سڀ مون کي ٺٺوليون ڪندا. ان ڪري بهتر آهي ته اُن پيرسن عورت کي وڃي خبردار ڪريان ۽ جيڪڏهن ٿي سگهي ته پنهنجي سر سندس مدد به ڪريان.

اهو سوچي پرتاپ گهر به ڪٿي بس ڪئي ۽ گرڙي ڪري چپ چاپ سراءِ مان نڪري قلعي جي تلاش ۾ نڪتو. پڇندو پڇندو هڪ جهنگل ۾ پهتو، جتي اُهو قلعه هو.

قلعي وٽ پهچي پرتاپ در کڙڪايو. اندران هڪ نوڪرياڻي نڪري آئي، جنهن اچي پڇيس "ڇوڪرا! ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟"

هن جواب ڏنو ته مون کي هڪ ضروري ڪم لاءِ مالڪياڻيءَ سان ملڻو آهي.

نوڪرياڻي اندر هلي ويئي ۽ ٿوري دير بعد

جڏهن اڌ رات ٿي، تڏهن پرتاپ کن آدمين کي پاڻ ۾ دبيل آواز ۾ سس پس ڪندو ٻڌو. هي اُهي ٽي چور هئا، جي مهمان سراءِ ۾ هن ڏٺا هئا. چور پاڻ ۾ صلاح ڪري رهيا هئا ته ڪهڙي رستي کان اندر گهڙجي.

نيٺ انهن اها رٿ ٻيهاري ته نوڙ جي وسيلي مٿي چڙهجي ۽ ستل زالن تي حملو ڪجي. ڪهڙا نه خبيث ۽ ڪانئر ڇئبا.

پرتاپ ٻڍيءَ جي کن ۾ ڪجهه چيو، ۽ پاڻ دريءَ جي طرف ڊوڙي ويو، جنهن پاسي کان چور مٿي ٿي چڙهيا. اوڏانهن گهگهه لڳو پيو هو. هو ويچارو اڪيلو هو، پرهمت ۽ حوصلي وارو ڇوڪرو هو.

ڪمري ۾ هو چپ ماري ويٺو ته جئن ڪنهن کي معلوم نه ٿئي ته ڪو اندر آهي. ايتري ۾ نوڙي مٿي اڇلي ويئي، جا لوهي ڪنڍيءَ جي زور تي وڃي دريءَ ۾ اٽڪي. پوءِ اُن تان هڪ چور چڙهي مٿي آيو. جڏهن هن دريءَ جي اندر منهن ڪڍيو، ته پرتاپ نشان وٺي

واپس اچي چيائين تہ اندر اچ. پرتاپ هن جي پٺيان پٺيان هليو.

جڏهن قلعي جي مالڪياڻيءَ وٽ پهتو، تڏهن هن ڏٺو تہ هوءَ هڪ سينگاريل ڪمري ۾ ويهي پنهنجي ڌيءَ کي سبق ڏيئي رهي آهي. پرتاپ سلام ڪيو تہ ڇوڪري حجاب وچان ٻئي ڪمري ۾ هلي ويئي. ٻڍيءَ کيس دعا ڏني: ”پٽ! جڙيو رهين. ٻڌاءِ، ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟“

پرتاپ چيو تہ مان فقط اوهان کي ٻڌائڻ آيو آهيان تہ اڄ رات ڪي نهايت خطرناڪ چور، اوهانجي قلعي تي حملو ڪندا. اوهين پنهنجي بچاءَ جو بندوبست رکو. ان کانپوءِ هن ٻڍيءَ کي خاطري ڏيارڻ لاءِ اُها عجب عينڪ ڏيکاري سارو حال چئي ٻڌايو.

ٻڍي گهٻرائجي ويئي. چيائين ”پٽ! هاڻ هن وقت، هن بيابان جهنگل ۾ مان ڪهڙو بندوبست ڪريان؟ ڪريان بہ ڪٿي؟“

پرتاپ- ڪجهہ تہ ضرور ڪرڻ گهرجي.

ٻڍيءَ چيو تہ ٽيليءَ مان گهوڙا گهرائي شهر ڏي پيڇي ٿا هلون.

بندوق ڇوڙي: ٺا! ان ٺڪاءُ سان ڳڻ هڪ آدمي ڌڏڪو کري هيٺ زمين تي ڪريو. هيٺ جيڪي ٻه چور بيٺا هئا، تن جڏهن پنهنجي ساٿيءَ جو لاش ڏٺو، تڏهن ڀڄي ڀڄڻ لڳا، پرپرتاپ مٿان ٻنهي چورن تي ٻه ٽي گوليون ڇوڙيون ۽ باقي ٻن چورن جو به ڪم تمام ڪيو.

جڏهن اهو ڪم لاهي چڪو، تڏهن هو هڪ هٿ ۾ لالٽين ۽ لٺ ڪڍي ٻئي ۾ تمنچو ڪڍي هيٺ لٿو. هيٺ اچي ڏسي ته ٻه صفا مري ويا آهن، باقي ٽيون زخمي ٿيو آهي، جو منڊ ڪائيندو ڀڄندو ٿو وڃي. هن ڀوڙ پائي کيس لٺ وجائي، پرهن رهزن پنهنجي مڙي مٿس ڇريءَ سان حملو ڪيو، تنهن تي پرتاپ وري پستول هلائي کيس ڍيري ڪري ڇڏيو. بندوق جي آواز تي نوڪرياڻي به جاڳي ۽ سڀ هيٺ لهي پرتاپ کي ڳولڻ لڳيون؛ جو زخمي ٿي ڪنجهي رهيو هو. زخم وڏو ٿي پيو هوس، رت پئي وهيس، ته به نه ڪي رنو نه رڙيون ڪيائين. همت ڌاري ليٽيو رهيو.

ٻڍي مالڪياڻي نوڪرياڻيءَ جي مدد سان ڪيس ڪڍي قلعي ۾ آندو. سندس علاج ٿيندو رهيو ۽ ڇهن مهنن ڪانپوءِ ڪند رست ٿيو.

شاهوڪار ٻڍي ٻيگم نهايت خوش ٿي ۽ چوندي هئي ته اسانجو جان ۽ مال خدا بچايو، مگر ڪنهنجي وسيلي. ڪنهنجو اهو احسان عمر نه وسرندو.

جڏهن پرتاپ چڱو ڀلو ٿيو، تڏهن مالڪياڻي ڪيس وڏو انعام ڏيڻ چاهيو، پر پرتاپ ڪين قبوليو. چي :- نيڪي نشڪام هئڻ گهرجي. مون ڪنهن مطلب سان هيءَ ڪم ڪين ڪيو. پر انساني فرض پاليو.

ان رياست جي سردار جڏهن پرتاپ جي بهادريءَ جي ڳالهه ٻڌي، تڏهن ڪيس گهرايائين ۽ ڪيس سونو ڀلو انعام ڏنائين.

پرتاپ جهڪي سلام ڪيو ۽ چيائين "سردار صاحب! منهنجي طرفان هيءَ عينڪ سوکڙي ڪري قبول ڪريو.

سردار عينڪ پاتي ته ڪيس اُن جي خاصيت معلوم ٿي. ڪنهن ڪي خوش ٿي سردار فرمايو:-

بهادر پرتاپ! مان توهانجي سوکڙيءَ لاءِ شڪر ادا ٿو ڪريان. مگر توهانجي عينڪ توکي مبارڪ هجي. اڄ مان توکي پنهنجي عدالت جو حاڪم مقرر ٿو ڪريان. هيءَ عينڪ توکي مقدمن جي فيصلن ڪرڻ لاءِ مدد ڪندي رهندي.

پرتاپ خوش ٿي اهو عهدو قبول ڪيو.

جڏهن هو عينڪ پائي مقدمن جا فيصلا ڪندو هو، تڏهن هن سندس انصاف ۽ عقل ڏسي ماڻهو حيران ٿي ويندا هئا، ڇاڪاڻ ته هو هرحالت ۾ پورو پورو انصاف ڪندو هو. ماڻهو ڪيس نياءُڪاري پرتاپ ڪري سڏيندا هئا، پر ڪنهن کي ڪل ڪانه هئي ته اها ساري برڪت جادوءَ جي ڏنل عينڪ جي هئي.

ٻالڪو! اوهين به ڪوشش ڪري اهڙي عينڪ هٿ ڪريو.

---

سانجهيءَ جو جڏهن گهر مو ٽيو، تڏهن ڪئي پڇيس ”ادا، ڏي خبر، مجلس ۾ ڪهڙا طعام کاڌءِ ۽ نالو ڪهڙو پيو“؟

بلي جواب ڏنس ته طعام ته اهڙو لذيذ هو جو ڳالهه ڪرڻ جي نه آهي. نالو پيو ”چپ چٽ“.

اهو ٻڌي ڪئو عجب ۾ پئي چوڻ لڳو ”هان! چپ چٽ!! اهو وري ڪهڙو نالو“؟ ته بلي چيس ”هون- اون- اون“!

وري ڪي ڏينهن گذريا تڏهن وري بلي جي دل گيءَ ڏي سرڪي. وري ڪئي کي چيائين ته اڄ مڱهڻهارپاٽيءَ جو جائو آهي سو مونکي دعوت مو ڪلي اٿن ۽ مان وڃان ٿو او ڏانهن. هن پيري وڃي اڌ پارو گيءَ جو پورو ڪري چٽ ڪي لتو. ڪوڙي سڄو ڏينهن سمهي پيو ۽ سانجهيءَ جو ديرسان گهر موٽيو.

انهيءَ ڏينهن به ڪئي پڇيس ته دعوت چڱي ٿي. نالو ڪهڙو پيو؟ بلي وراڻيس چي: دعوت ته اول درجي جي هئي. نالو پيو ”اڌو-اڌ“. پو نگڙو ڏاڍو سهڻو آهي ۽ آهي به وري اڇو جهڙو کير.

ڪئو نالو ٻڌي وائڙو ٿي ويو ۽ پڇڻ لڳس ته

## دشٽ ٻلو

هڪڙو هو ٻلو، تنهن جو نڪو هو پيءُ، نڪا هيس ماءُ؛ سو هڪ ڏينهن دل ۾ چوڻ لڳو ته "اڪيلو هيڏو سڀ گهر جو ڪم ڪار ڪرڻ ته مشڪل آهي، هاڻي ڪو نوڪر رکجي ته چڱو".

اهو ويچار ڪري وڃي هڪڙي ڪئي کي چيائين "ادا، ڳالهه ٻڌي اٿئي؟ تون آهين منهنجو مائٽ". ٻلي کي ڏسڻ سان ئي، ڪئي کي ڏڪڻي وٺي ويئي سو ويچارو ساهه جي ڊپ کان جهٽ پٽ چئي ويٺو "هائو".

تڏهن ٻلي چيس ته "تڏهن اچ ته هڪ جاءِ ڪري پاڻ ٻئي پاڻ ۾ گڏجي رهون. تنهنجو به خرچ بچي پوندو ۽ منهنجو به خرچ گهٽ ٿيندو. تون روٽي پاڻي ڪجان ۽ ٻهاري سهاري پائجان ۽ مان بزار ويندس ۽ خرچ جو حساب ڪتاب رکندس." ڪئي ڪنبندي ڪنبندي چيو "چڱو".

پوءِ ته هڪ ٻڙل جاءِ ۾ وڃي رهيا ۽ ٻلي چيو

ڪئي کي ته ”هاڻي ٻڌاءِ ته تو وٽ ڪيترا پئسا آهن،
جيڪي هڪ ڀيئي سو ڏي موٽڪي، مان حساب
رکندس!“ ڪئو ويچارو انڪار ڪئن ڪري؟ ان
ڪري هن پنهنجا سڀ پئسا آڻي ٻلي کي ڏنا.

ڪئو سڄو ڏينهن ڪم ۾ پيو ڳهي ۽ ٻلو ڪونگهرا
ڏيو پيو ننڊون ڪري، رڳو ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو
ڪئي جا پئسا ڪڍي بازار وڃي ۽ جيڪي خريد
ڪري تنهن جو اڌ ڪان رڏيڪ ته واٽ تي ڪائي
چورو ڪري اچي. ائين پيا سندس ڏينهن گذرندا هوا.

هڪ ڏينهن ٻلو چوڻ لڳو ادا، سيارو اجهو آيو
ڪ آيو. تڏهن ٻاهر وڃڻ ٿيندو مشڪل، سو هاڻيئي
کو ٿورو شو ڪري رکجي ته چڱو. ڪجهه ڳنهي
آڻي ڪٺي لڪائي رکبو ۽ سياري ڪان اڳي انهيءَ
کي هٿ به نه لائبو.

ڪئي چيو ”هائو، ڏاڍو چڱو“.

ٻئي ڏينهن ٻلو ۽ ڪئو وڃي بازار مان هڪ
پارو گيهه جو وٺي آيا. هاڻ گيهه رکن ڪٿي؟ سندن
جاءِ جي ويجهو هڪڙي زميندار جي ڪا ڏاڍائي
جاءِ هئي تنهن ۾ هڪ خاص کوٺي هئي جنهن ۾
ٺاڪر رکيا هوائون. انهيءَ کوٺيءَ مان چوري

اڏو- اڏ وري ڇا ؟ اهڙو نالو ته ڪڏهن ڪونه ٻڌو سون. ٻلي وري به ڪئي ” هون اون “.

اڏ پارو گيڙ جو ته ٻلو ڇٽ ڪري ڇڪو، پر باقي اڏ لاءِ بہ جيب ائين پيئي پاٽي ڪريس جو رالعجو نندي ڪرڻ نہ ڏئيس. سو وري بہ هڪ ڏينهن ماسات جي پٽ جي نالي ٻڌڻ جو منهن ڪري اچي ناڪردئاري جي ڪنڊ ۾ حاضر ٿيو؛ اڪيهنيپ ۾ باقي جيڪو گيڙ هو سو ڇٽي پارو واندو ڪري رکيائين. ڪائي جو ٿيو هو ڳرو؛ پيٽ پيو هو س ڦنڊي، سو الي ئي ليٽي پيو؛ ننڊ وٺي ويس. سانجهيءَ جو جڏهن گهرمو تيو تڏهن ڪئي پڇيس ته هيئر ڪهڙو نالو پيو. ٻلي ورندي ڏنس تہ ” هينئر نالو ڏايو عمدو پيو “. ”صفن-صفا “.

اهو ٻڌي ڪئو حيرت ۾ پئجي؛ چوڻ لڳو- ”صفن صفا ؟ صفن صفا “؟ اهڙا بہ ڪي نالا هوندا آهن ڇا ؟ اسان تہ پنهنجي ڄمار ۾ اهڙا نالا ڪونہ ٻڌا. ٻلي چيو: ”صفن صفا “!!

خير، ڳالهيون ڪندي سيارو بہ اچي پهتو؛ ٿڌ اهڙي پوڻ لڳي جو ٻاهر نڪرڻ جي حاجت نہ هجي. پر ڪاڏو ته کپي. سو ٻلو؛ ڪئو گڏجي ويا

ڪرڻ جي ڪنهن جي ٻه جريت نہ ٿيندي هئي، سو ٻلوءَ ڪئو ٻئي ڳڌجيِ وجي اهو گيه جو ڀارو انهيءَ ٺاڪرن واريءَ ڪوٺيءَ جي هڪ اونداهيءَ ڪنڊ ۾ لڪائي رکي آيا.

ٻہ ڏينهن گذريا، چار ڏينهن گذريا پر ٻلي کي گيه جو ڀارو دل تان نہ پيو لهي. ننڊ ۾ بہ گيه جو ڀارو پيو ڏسي. نيٺ ڀاڻ جهلي نہ سگهيو سو هڪ ڏينهن ڪئي کي ٿو چوي چي "ادا، اڄ نہ اڄ، منهنجو ڀڻات ڄاڻو آهي؛ سو منهنجي ماني اٿئي الي. توں گهر سنڀالجانءِ تہ مان سندس نالو ٻڌي اچان" ائين چئي ٻلو آهستي هليو ويو.

ويندي خيال آيس تہ جي سنئو سڌو ٺاڪر د ڳاري ڏي ويندس تہ شايد ڪئي کي شڪ پوندو، سو ان ئي ڏس ڏي رخ رکيائين ۽ ڦيرو ڪائيِ اچي ٺاڪر دڳاري پيرو ٿيو؛ ويهي ڀاري مان گيه چٽڻ لڳو. گيه هڪ تہ هو سٺو ٻيو وري مليس مفت ۽ ٿيون چٽڻو بہ وري اڪيلو، سو چٽيندو وجي ۽ جيڀ چپن تي گهمائي واه واه ڪندو وجي! ٽانجو گيه گيه خلاص ڪري ڇڏيو. پوءِ تہ هٿ منهن اُگهي ٺاڪر دڳاري جي ڇت تي وڃي سمهي پيو.

ٺاڪر ڏئاري ۾ گيه جو پارو آڏڻ. ويندي ويندي ڪئو دل ۾ چوڻ لڳو ته "ڇگو ڪيوسون جو گيه جو پارو اڳيئي ونئي سمر ڪري رکيوسون". بلو وري دل ۾ چا پيو چوي ڇي "ڏسون ته هاڻي ڪئومل ڪهڙا ٽپا ٿو ڏئي".

ڪئو جان ويچي پاري ٺان ڍڪڻ لاهي ڏسي ته ٺحقيق صفن - صفا ٿيو پيو آهي. الي ڪپاٽ ڪلي پيس ۽ بلي واري سوري ڪيڏ پرڪيائين. ڪجهه وقت ته بلي جي منهن ڏي نهاريندو رهيو پوءِ چيائين ته "سمجهيم يار، سمجهيم. "چپ چٺ"!؛ آڏو اڏ !!؛ صفن صفا !!! شڪ ته اڳيئي هوم پر هاڻ اکئين ڏٺم. هاڻ، منهنجي رام رام اٿو. منهنجا پئسا جيڪي باقي آهن سي ورائي ڏيوم، ته مان راهي ٿيان".

پئسا موٽائي ڏيڻ ته بجاءِ خود اٿلندو بلي اکيون شوڪي جو نهاريس، سو ڪئوبجي اکڙيني ۾ بوڙي وجي هڪ بره لڪو ۽ وري بلي کي گڏيو به ڪين.

---

# عجيب ڀڳت

ڪنهن ڌوٻيءَ وٽ هو هڪ گڏه. گڏه سکي نه هو، ڇو جو ڌوٻي جيترو قوت ڏيندو هوس تنهن کان وڌيڪ لڪڻ جو سٽڪو وجهندو هوس. هڪ ڏينهن ڌوٻي ڪپڙن جي ڀري گڏه جي پٺيءَ تان لاهي جڏهن ڪپڙا ڪڍي ويو ٿي گراهڪ جي گهر ڏيڻ، تڏهن گڏه کي ڀڄڻ پلجي ويو؛ گڏه به ڏٺو ته هي وجهه چڱو آهي سو چيائين "ڀڄ ته ڀڄون". ڇوڻ ۽ ڪرڻ ۾ ديرئي ڪانه ڪيائين. ڌوٻي موٽي اچي ڏسي ته گڏه گم! گهڻوئي ڳولائينس، پر پتو ندارد. هو ڏانهن گڏه ڀڄندو وڃي ۽ دل ۾ چوندو وڃي ته " ڪير ٿو مٽ داڙي ۽ ٻن منٽن گاهه لاءِ ماڻهوءَ جي ٻانهپ ڪري؟ آءٌ آزاد ٿي رهندس ۽ جيڏانهن وڻندم تيڏانهن گهمندو وتندس. هاڻي وري ڪڏهن نه سوٽيون کائيندس".

انهيءَ ريت، هو به چار ڏينهن گهمندو وتيو، پر پوءِ اچي مشڪلات ۾ پيو. اڳي جو روز سانجهي

ويلي مٿ داڙهي جي ملندي هيس ته هن جي گهر ڇ
پوڻ لڳيس. وري ويچار ڪري چيائين ته "ڪو
فڪر نه آهي. مان پنهنجو داڙهو پاڻ ڪمائي
ڪيندس. پر پيلي ڪمائي جو ڪو رستو به ته هٿ
ڪرڻ گهرجي". گهڻي ويچار پڄاڻا اهو رستو به
ڳولي ڪڍيائين ۽ هڪ رٿ رٿيائين. دل ۾ چيائين
ته منهنجي ڳلي جو سر اهڙو ته مٺو آهي جو جڏهن
ڳائڻ شروع ڪندو آهيان تڏهن چوطرف جيڪي
به ڪتا هوندا آهن سي خوشيءَ ۾ اچي ڀونڪڻ
شروع ڪندا آهن، ۽ نينگر تاڙيون وڄائي ٽپا ڏيندا
آهن. انهيءَ مان ثابت آهي ته سڀ منهنجو سريلو
راڳ ٻڌڻ لاءِ مشتاق آهن. تنهنڪري آءٌ ماڻهن
جي دردر ٽي وڃي گيت ٻڌائي داڙهو ڪمائيندس.

اها سٿا سٿي هلندو وڃي ته واٽ تي هڪ وڏو
ٿلهو متارو ڪتو نظر چڙهيس. انسان سندس
اڳيئي ڪا واقفيت هئي. سو ڏسندي شرط چوڻ
لڳس "ادا، توسان خير ته آهي؟ ڇو هئن منهن
ڦلڙو ڪري، رستي جي ٻئي پاسي ڪان ڪروندڙو
ٿيو پيو آهين"؟ ڪتي وراڻيس "ادا، ڪهڙيون
ٿو ڳالهيون پڇين هنن ماڻهن جون، جي پاڙڪي

انسان ڏا سڏائين. سندن ظلم ته ڏس، مان ساري
رات گهرٽي ڀرو ڏيان، چور ڀڄايان، منهنجي
ڊپ ڪري گهر جي اڱڻ ۾ پکي به پيهي ڪو نه
سگهي، تنهن هوندي به ڏس ته اڄ ڏورڙي ڏوه
ڪري ڏڪي ايتري ته ماري ني اڌمر جو منڊو ڪري
ڇڏيو اٿائينم. پائي ٻن ويلن جي پيٽ ڏڪر لاءِ
هيڏي ڏعدي هاڻ مونکان سٺي نٿي ٿئي".

ڳڏه- توُن به ڪوڇريو ٿو پائڻجين. ڇو الاجي
ڏڪر روٽيءَ لاءِ پنهنجو جيءُ جنجل ۾ وڌو اٿيئي،
هليو هل مون سان؛ ڏس مان به ماڻهن جي
نوڪري ڇڏي پنهنجا گيت ڳائي داڏو ڪمائڻ
نڪتو آهيان. توُن مون سان هليو هل. تنهنجو
ڳلو به ته مون وانگيان ڏاڍو مٺو آهي. ٻئي گڏ جي
ڳائيندا سون.

ٻئي دوست هليا وڃن ته رات ٽي هڪ ٻلو
ڏٺائون. ٻلو به ڪو ماڻهن کان ڏکوئجي ڀڄي
نڪتو هو سو به هن ڀڳتن جي ٽوليءَ ۾ ڳنڍيو پوءِ
ٽيئي اڳتي وڌيا ته رات ٽي هڪ ڪڪڙ گڏين،
تنهن به اهوئي فرياد ڪيو ته "ماڻهن مونکي ڏاڍو
ڏکي ڪيو آهي. مونکي جهلي آڻي پڃري ۾

اندر پڙهيو اٿن ۽ هاڻ مونکي ٻڪ جا چڪ آهن. گڏهه انکي بہ پنهنجي ٽوليءَ ۾ شامل ڪيو. آخر سڀ اچي هڪ جهنگ ۾ پهتا ۽ اتي ويهي صلاح ڪرڻ لڳا. گڏهه چيو تہ "ڀائي ڳالهہ ٻڌي اٿوَ؟ ڏسو اسين پاڻ ڳائڻ وارا تہ گهڻائي اچي ڪٺا ٿيا آهيون ۽ پر اسان ۾ وڄائڻ وارو ڪو نهي. ڪو نہ ڪو وڄائڻ وارو بہ ضرور هجڻ کپي". تنهن تي ڪڪڙ چيس تہ "مان وٽ تي وڃو هوس اتان ڏٺم تہ جهنگ ۾ هڪ ڍولڙو ۽ هڪ ٻڪريءَ گڏ رهندا آهن ۽ ڍولڙي وٽ هڪ ڍهلڙي بہ آهي. پاڻ جي ٽولہ هنن بہ ماڻهن جي (ظلم) ڪري ڀڄي اچي جهنگل ۾ پناه ورتي آهي. هلو تہ انهن کي ڳولي ڪيون. باندر ڏاڍو سياڻو ٿيندو آهي تنهن کي اسين پنهنجي ٽوليءَ جو مهندار ڪنداسون". اها صلاح سڀني کي آئڙي ۽ وڃي ڍولڙي ۽ ٻڪر کي ڳولي لڌائون ۽ جئن هنن اڳو مان ڪيو هو تئن ئي ٺيڪ هو، جو هو ويچارا بہ ماڻهن جي ڏکن کان ڀڄي چٽا هوا. ڍولڙي ٽوليءَ جو سردار ٿيڻ قبوليو ڇو جو اُن جهڙا سر آلاپڻ وارو منجهن ٻيو ڪو بہ ڪو نہ هو. ڍولڙي کي هر ڪنهن پنهنجو پنهنجو

سر ڳائي ٻڌايو، ھن اھي سڀ سر منظور ڪيا. تنھنڪان پوءِ سردار صاحب چيو تہ ”ٻيو سڀ بندوبست پورو آھي پر ھڪ ڳالھہ جي اڄان اوڻائي آھي. ھن بن ۾ ھڪ رڇ رھندو آھي اھو بہ ماڻھن جي ذڪر ڪري تنگہ ٿي ٻڃي آيل آھي. انھيءَ رڇ وٽ اٿو ھڪ ڪنڃري، جا ھو تمام جڳي طرح وڄائيندو آھي. رڇ ڪي بہ اسانجي ٽوليءَ ۾ ڳنڍڻ گھرجي“. پوءِ رڇي رڇ کي ڳولي ڪڍيائون ۽ رڇ بہ گھڻيءَ خوشيءَ سان يگتن جي ٽوليءَ ۾ شامل ٿيو. اھا ڳالھہ باقي رھي تہ ٻڪر ڇا ڪري؟ انھي نسبت پوڙھي چيو تہ ”ٻڪر اسانجو سامان ڍوئيندو“. تنھنتي رڇ چيو تہ ”رڳو سامان ڇو ڍوئي، ھو تہ ڳائي بہ ڄاڻندو آھي ۽ تنھن ڪانسواءِ ڪيس ڪجھہ وڄائڻ بہ سيکاربو“. انتي پوڙھي کي ھڪ ڳالھہ ياد آئي، سوچوڻ لڳو تہ ”ھڪ دفعہ مون ھڪ ڏاڍو مزي جھڙو ساز ڏٺو ھو. چوڪرانھي ساز سان ڏاڍو مزو ڪندا آھن ۽ انھيءَ سان ڪال بہ ڏاڍو چڱو ڏيئي سگھبو آھي. خبر اٿو اھا ڪھڙي شيءِ آھي؟ دٻي ۾ نڪريون. تين جي دٻي ۾ نڪريون يا ڪوڏيون وجھي وڄائڻ سان ڏاڍو سريلو آواز نڪرندو آھي. اھڙو ھڪڙو ٺاھي، ٻڪر

جي سڱن ۾ ٻڌبو ڀوءِ ٻکر ڳائيندو ويندو ۽ ٽال ٽال ٽـي مٿو ڌو ڏيندو رهندو". اهو ٻڌي سڀ يڪدم خوش ٿي چوڻ لڳا ته "واهه جي واهه. اها ته عمدي صلاح ڪئيءَ". ڀوءِ ته باندر ويو، سو جلد هڪ ٿلهي ٿين جي دٻي ڪڍي آيو ۽ منجهس ننڍڙا ڀٽڙو وجهي اهو عجيب ساز ٺاهي تيار ڪري ٻکر جي سڱن ۾ ٻڌائين. انهيءَ ريت ڀڳتن جي ڀڳتيءَ جو سڄو بندوبست پورو ٿيو ۽ ڪي ڏينهن ۽ راتيون تياري ڪندا رهيا.

جنهن مهل ڀارت ڀڪو ڪندا هئا تنهن مهل وڻن جا پکي ڪٺي ڪولي اُڏامي ويندا هئا، ٻن جا گدڙ، چيتا، واگهه مرون سڀ ڀڄ ڀائـي ڀڄي ويندا هوا ۽ سڄي جهنگل ۾ ڦڙڦوٽ پئجي ويندي هئي. چو جو اهڙي ڀڳت اڳي ڪڏهن ڪنهن ڪانه ٻڌي هئي. انهيءَ سمي ڌاڙيلن جي هڪ ٽوليءَ انهي ساڳي ٻن ۾ هڪ جاءِ ٻي ٺهرائي. انهيءَ مراد سان ته انهيءَ جاءِ ۾ ويهي ڌاڙن بابت صلاح مصلحت ڪندا ۽ چوري جو مال به اتي ويهي ورهيندا. چور ۽ ڌاڙيل هوندي گهڻوئي بهادر هوندا آهن پر جتي ڪنهن جن ڀوت جو ڀؤ هوندو آهي اتي سندن

سڀ ٻچ ٽاندا سمجھي ڪيلي ڪُٺي ھڪڙي ۾ ٽنبي
ڪ ٻلي ڦوُن ڪري جو وڌس ھٿ ۾ رھندو سو
"باباڙي" ڪري پڇڻ لڳو۔ پيٽيءَ ڪي جو ويٺو ھو
ڍولڙو ڪنھن کي وچي لڳس مٿو. ڍولڙو به نه ٽٽي
ٻچڙو سو جھلي ڪن کان جو ڏنائينس ھڪ مروٽو
سو ويچارو ڏاڙ پل، "مئس ادا مئس" ڪري
ٽپ ڏيئي پڇڻ لڳو، پرويندي وچي ٻڪرمٿان
ڦابڙيو، ڪنھن پري وڃايس سڱن جو ٽوُٺو پيٽ وارو
ڪنھن کي "اڙي بابا ھي چا" چئي وچي ڪريو ميز
جي مٿان، جنھن کي ويٺو ھو رڇ، ڪنھن پري
وڃايس جو ٻچو ڪياڙيءَ وارو سو ويچارو رڙ
ڪري "مئس بابا مئس" ڪندو ڏوُ وچي ڪريو
دروٽ جتي چائنٽ وٽ سمھيو پيو ھو ڪتو
ڪنھن جي ٻچ کي پير پوڻ شرط وڌس پير ۾ چڪ
سو "گھوڙاڙي گھوڙا" ڪندو اٿي ڀڳو پر اکين ۾
اونده اچي ويس سو وچي ٻاھرگاھ جي ڍڳ کي
ڪريو. سڻائي الي به ڪانه ٽيس ڇوجو الي سمھيو
پيو ھو گڏه ڪنھنجي ٻت کي ھٿ لڳڻ شرط گڏه
وڌيس ڪرن جي وسڪارو. اوڏيءَ مھل ڪڪڙجي
ٻانگه ڏيڻ جو وقت ھو سو مٿان ويٺي ويٺي ڇوڻ

ڏيڏرئي ڏيرا ٿي پوندا آهن. انهن ڏاڙ يلن به به چار ڏينهن راليون جو اها عجيب پڳت ٻڌي سو انهن کي به اچي ڏپ ورايو ۽ چوڻ لڳا ته ٻيلي هي ٻن ته ڏاڍو ڪو خوفائتو ٿو ڀائنجي. هتي ته جنن ڀولن جو واسو ٿو ڏسجي. جڏهن سڏدن جاءِ جڙي تيار ٿي تڏهن منجهس وهڻ جي مهورت ڏينهن پاڻهه مجلس ڪيائون ۽ ڏاڍا سٺا طعام تيار ڪيائون.

انهيءَ ڏينهن سڀجها جي وقت ڀولڙو چوڻ لڳو: ڀڳتو! ٻڌو منهنجي ڳالهه. ڏسو هاڻ اسانجي پڳت چڱيءَ طرح رچي راس ٿي آهي. هاڻ هلو ته هلي ماڻهن جي در تي پڳت وجهون ۽ ماڻهو، جي اسانکي ٽڪرلاءِ هيترو رنجائي رهيا آهن تن کي ثابت ڪري ڏيکاريون ته اسين پنهنجي سرڪٽي ڪمائي کائي ڄاڻون ٿا يا نه. ۽ وري ماڻهن کانسواءِ اسانجي پڳت جو ٻيو ڪير قدر ڪندو؟ جانور بي سمجهه ڪو قدر ڪري سگهندا ڇا؟ ٻڌو اٿم ته ڪن ماڻهن هن ٻن ٽن هڪ جاءِ جوڙائي آهي ۽ اڄ مجلس ڪئي اٿن. اڄ هلو ته انهن وٽ هلي پڳت وجهون.

ٽنهنتي سڀ گڏجي چوڻ لڳا "واه واه".

ڀولڙو- ٻري ٻي ڳالهه ٻڌي اٿو؟ رات آهي

اونداهي، سو هنن کي خبر ڪئن پوندي ته ڪير ٿا ٻائن؟ انهيءَ لاءِ منهنجي صلاح آهي ته جيڪي راڳيندڙ آهن تن مان ڀوڳيائين گڏه ٻوڙيون ٽنگون پٺ تي رکي، اڳيون ٽنگون پٺ سان رکي اڍو ٿي بيهي، تنهن جي مٿان ڪتو، ڪتي جي مٿان ٻلو ۽ ٻلي جي مٿان ڪڪڙ، ائين هڪ ٻئي مٿان چڙهي دريءَ جي سوجهري ۾ ٿي بيهندا ته ماڻهن کي خبر پوندي ته ڪهڙا پکت آيا آهن. باقي اسين پيا جي وڄائيندڙ آهيون سي جي اونده ۾ بيٺا سون ته ماڳو ڪونهي.

اها ست سٽي، سڀ گڏجي وڃي الي حاضر ٿيا ۽ رٿ موجب هڪ ٻئي تي چڙهي بهي سر آلاپي پکت وڄڻ شروع ڪيائون. ڌاڙيلن اوڏيءَ مهل دريءَ کي ڪڙو ڏيئي آنند سان ويٺي ماني کاڌي. هنن جو اوچتو هي هيبتناڪ آواز ٻڌو سو هو ڇرڪيا ۽ منجهائن هڪڙو اُٿي بهي ڏسڻ لڳو ته هي ڪهڙي بلا آهي. هن جو جدا جدا جانورن جو جڙيل هي عجيب جانور ڏٺو سو رڙ ڪري چوڻ لڳو "ڀڄو ڀڄو سڀ"! هنجو ائين چوڻ ۽ سڀني ڌاڙيلن جو جاءِ جي پٺئين دروازي کان ڀڄڻ. وري پٺ ورائي به ڪونه نهاريائون ته ڇا آهي يا ڇا ناهي.

لڳو ” واه واه هوُ“! ”واه واه هوُ“!

نيٺ چوٿين ويچارو منڊ ڪائيندو منڊ ڪائيندو وچي سنگتين وٽ نڪتو ۽ روئي پنهنجو حال ٻڌائڻ لڳو ”ادا، آءٌ ته اهڙيءَ آهيءَ ۾ اچي ويو هوس جو منهنجو موٽڻ ئي مشڪل هو. شايد ياڳه سئوان هئم جو جيئرو موٽيو آهيان، پر آهيان مئن سمان. هيڏي ڏسو، هي منهنجا هٿ ڏسو، هي پير ڏسو، هي ڪن ڏسو، هيءَ ڪياڙي ڏسو، هي پٺي ڏسو، مطلب ته جيڪا لعدي ٿي اٿم تنهن جو آءٌ ڪهڙو بيان ڪريان، جيڏانهن وران تيڏانهن ڌڪاءُ پيو پويم، نه اڪين سان ڏسڻ ٿي ڏنائون ۽ نه ڪنن سان ٻڌڻ ۽ وري جو هڪڙو مٿي وينو هو سو هي روُنشو ڏسي پيو چوي ”واه واه هوُ“! واه واه هوُ“.

همراه جو اهو حال ٻڌي ڏاڙيلن جو سردار ڏڪي ويو ۽ چوڻ لڳو ته ” ٻيلي جي هي اهڙا ڦهري آهن ته اسانکي هن جهنگ ۾ سک سان سمهڻ ٻتيءَ ڪين ڏيندا، ڀڄو ته ڀڄون“. پوءِ ڏاڙيل ته اُهي پٺ ئي ڇڏي روانا ٿيا، پگتن وري ٻيءِ پگت ڪٽي وچي وڏي لنهن جي ڪل ڪاڻ رهيسون.

جڏهن ڏاڙيل ڀڄي ويا، تڏهن هي سڀ ڀڳت اندر گهڙيا ۽ وڃي مائيءَ کي وارو ڪيائون. جنهنکي جيڪا شيءِ وڃي سا کائي ڏئي ڪيائون. پوءِ ته جڏهن ڏنائون ته ڪا مدت گذري ويئي آهي ۽ ماڻهن مان وري ڪو به ڪونه موٽيو آهي تڏهن ٻئي وسائي ڀڳتن سمهي پيا.

رات اونداهي ڪاري مس جهڙي هئي. اڌ رات جي ويلي ڏاڙيل موٽي آيا پر ٻپ ڏاڍو هين. سندن سردار منجهائن هڪڙي کي سڏي چيو ته وڃ وڃي ڏسي ته آءُ، مان ڀانيان ٿو ته جنهن حالت ۾ اونده اندڪار ۾ چپ چپان لڳي پيئي آهي تنهن حالت ۾ ڀوت ڀڄي ويا ٿا ڀائنجن. هڪڙي ڏياري ٻاڻ سان ڪنيو وڃ. چلهه ۾ ٽانڊو هوندو انهيءَ سان ٻاري سوجهرو ڪري ڏسجانءِ ته گهر جو ڪهڙو حال ڪري ويا آهن.

سردار جي حڪم موجب هڪ ڏاڙيل پير پير ۾ پائي اندر گهڙيو. اونده ۾ ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه پيو اچيس سو ٻچندو ٻچندو چلهه وٽ ويو. چلهه منجهه ويٺو هو ٻلو جنهن جون ٻه اکيون اونده ۾ ٻن ٽانڊن وانگر پئي چلڪيون. ڏاڙيل انهن کي

## گدڙ جي ڪيڻ

ڪنهن جهنگل ۾ هرڻن جو وڳ رهندو هو. هرڻ سڄو ڏينهن گاهه چري سانجهن جو هڪ تلاءَ تي پاڻي پيئڻ ويندا هوا. انهيءَ تلاءَ ۾ رهندو هو هڪ واگهو. اهو ڇا ڪندو هو جو جڏهن هرڻ ايندا هوا پاڻي پيئڻ تڏهن روز منجهائن هڪ ماري کائيندو هو. انهيءَ ڪري هرڻ ويا گهٽبا. اهو حال ڏسي هڪ ڏينهن هڪڙي گدڙ اچي پڇين ته "ڇو، ڙي! اڳي ته اوهانجو وڳ وڏو ٿي هوندو هو، هاڻي ڇو ٿورا پيا ڏسجو"؟ تنهن تي وڳ جي وڏيري وراڻيس ڇي: "ادا، ڪهڙي ٿو اسانجي ڳالهه پڇين؟ جنهن تلاءَ تي پاڻي پيئڻ ويندا آهيون تنهن ۾ آهي هڪ واگهو، جو ڏهاڙي اسان مان هڪ کائي ويندو آهي. پوءِ ٿورا نه ٿينداسين ته ٻيو ڇا"؟ گدڙ چيس ته "چڱو، هاڻ آءٌ ٿو توهانکي واگهو جي هٿان بچائڻ جي تجويز ڪريان. پر توهانکي مهني مهني هڪ هرڻ جو ٻچو مونکي ڏيڻو پوندو، سو

ڏيندا"؟ هرڻ چيس "ادا! جيڪڏهن اهڙو ڪو اسانجو ڀلو ڪرين تہ پوءِ اسانکي ٻيو ڇا گهرجي؟ تون تہ هڪڙو ٻچو ٿو چوين، پر اسين توکي ٽي ٽي ڏيندا سون. ڀلائي ڪري ڪو اسانجو ڀلو ڪر. واگهوءَ جي دپ ڪري اسان کي رات جو ننڊ بہ نہ ايندي آهي". گدڙ چيس تہ چڱو تڏهن هاڻ هڪڙو ڪم ڪجو، جو جڏهن توهين پاڻي پيئڻ وڃو تڏهن روز مون کي پاڻسان وٺي وڃجو. پوءِ اُلي جڏن آءٌ چوانءِ تڏن ڪجو.

ٻئي ڏينهن جڏهن هرڻ پاڻي پيئڻ تي ويا تڏهن گدڙ کي پاڻسان وٺي ويا. واٽ تي ويندي ويندي گدڙ چين "منهنجي ڳالهہ ٻڌو. اُهين جڏهن پاڻي پيئو تڏهن سڀ هڪئي گهاٽ تي متان وڃي گڏ ٿيندا هجو. ٿورا اُرئين واري گهاٽ تي ۽ ٿورا اولهہ واري گهاٽ تي وڃجو ۽ ٻئي ٽوليون ساڳي وقت پاڻي ۾ نہ گهڙجو. جنهن ٽوليءَ کي جنهن وقت مان اشارو ڪريان، انهيءَ وقت اها ٽولي پاڻيءَ ۾ گهڙي ۽ جنهن مهل سيٽي وڄايان تنهن مهل يڪدم نڪري ٻاهر ٿئي. آيوَ ڳالهہ ڏيان ۾؟ جيڪي چيم سو برابر ياد رکجو". پوءِ گدڙ جي

صلاح موجب هڪ ٽولي اوير واري گهيڙ کي ۽ ٻي اولهه واري گهيڙ کي ويئي. گدڙ اوير واريءَ ٽوليءَ کي اشارو ڪيو تہ وڃي پاڻي پئو. هرڻ لٿا پاڻي پئڻ، ڪيستائين گدڙ جاچڻ لڳو تہ واگهہ ڇا ٿو ڪري.

واگهہ کي نظر پيس پر واگهہ کي وچ جي ڪل ڪانہ رهي. سو هميشہ وانگر هرڻ مارڻ جي مراد سان پاڻيائين کي ٽپي ڏيئي وڃي شڪار ماريان تہ ايتري ۾ گدڙ وڄائي سيٽي تہ اوير وارا هرڻ يڪدم پاڻيءَ کان نڪري ٻاهر ٿيا ۽ ساڳي وقت اولهہ وارن کي اشارو ڪيائين تہ وڃي پاڻي پئو ۽ هو لٿا هيٺ. واگهہ اوير گهڙوٽ اچي ڏسي تہ هرڻ هڪ بہ نہ ٿهي، سڀ وڃي اولهہ گهيڙ ڏي ڪنا ٿيا آهن. سو ڦيرو ڏيئي هنيائين اولهہ ڏي ٽپي. گدڙ سهي ڪيس سو يڪدم وڄايائين سيٽي تہ اولهہ وارا هرڻ يڪدم نڪري ٿيا پاڻيءَ کان ٻاهر ۽ ساڳي وقت وري اوير وارن کي اشارو ڪيائين تہ وڃو وڃي پاڻي پئو. هيڏانهن واگهہ اچي اولهہ گهيڙ کي ڏسي تہ سڄ لڳي پيئي آهي. هتي تہ هڪ بہ هرڻ ڪونهي، سڀ اوير ڏي آهن. انهيءَ طرح هر اوير ڏي تہ هر اولهہ ڏي ڊوڙون پائي واگهہ ٽڪ جي ڪڪ ٿي پيو ۽

پيٽ ۾ وڪڙ پوڻ لڳس ! مطلب ته ڏاڍي جٽ ٿيس. ٻئي ڏينهن به هرڻ گدڙ کي پاڙسان وٺي ويا ۽ ٻنا ڪنهن خطري پاڙي پي پيٽ ڪري موٽيا انهيءَ ڏينهن به واگهوءَ کي لنگهڻ ڪيڻو پيو.

انهيءَ طرح ڪي ڏينهن ٻڪون ڪيندي ڪيندي واگهوءَ نيٺ سمجهو ته ” هن حرڪت جو سبب اهو لچ گدڙ ئي پائنجي. جيستائين انهيءَ کي ماربو نه، تيستائين چاڙهو ڪونهي. ڪيترا ڏينهن هئين لنگهڻ ڪيبا ؟“ پوءِ ڇا ڪيائين جو جنهن پاسي کان گدڙ پاڙي پئندو هو انهيءَ پاسي وڃي پيٽ ٿو ڪي، مئل وانگر ٽنگون مٿي ڪري پاڙي جي مٿان سمهي پيو. سٺ اها سٽي هئائين ته گدڙ کيس مئل ڄاڻي جڏهن پاڙي پئڻ لهندو، تڏهن جهپ هڻي سڄو ئي کائي ويندو سانس ! پر اڳيان گدڙ به سنڌري ڏرڪين هو. گدڙ ته پري کان ئي واگهوءَ کي ڏسي سندس نيت سمجهي ورتي سو ٿو پاڙيءَ ۾ گهڙي ؟ هٿائين چرچو ڪرڻ لاءِ ڏاڍيان چوڻ لڳو: ” واه ڙي واه ! هاڻ ته بچاءُ ٿيو سون. هيءَ آفت جو ٽڪر ته مئو پيو آهي، هاڻ مان به بچيس ۽ ويچارن هرڻن جو به بچاءُ ٿيو“. ائين چئي

# عجيب دلي

هڪ ڏينهن هيميءَ نالي هڪ نينگري دلي کڻي درياه تي پاڻي ڀرڻ ويئي. هيمي جڏهن پاڻي ڀري ٿي موٽي تڏهن واٽ تي ڇا ڏسي ته هڪ ٻڍي مائي آهي سا وڻ هيٺان ويٺي آهي ۽ پٺيءَ تي ٻوجهو اٿس. هنڪي ڏسڻ سان ئي ائين ڀي ڀاسيو ته ويچاري ڏاڍي ٿڪل آهي. هيميءَ وٽ پاڻيءَ جي دلي ڏسي ٻڍيءَ چيس "امڙ! جيڪر پاڻي ڍڪ نه پياريم، مان ڏاڍي اُڃايل آهيان". هيميءَ تمام خوشيءَ ۽ نئڙت سان ورندي ڏنيس "ڏاڏي، پاڻي گهڻو، جهليو ٻڪ ته ڏيانو". ٻڍي پاڻي پي ڏاڍي پرسن ٿي هيميءَ کي آسيس ڪئي ته ڪڪي جيئن مونکي ڍوُ ڪرايئه تيئن توُن به شل سدا سائي ڀائي هوُندينءَ. هيمي دلي کڻي گهر ڏي وڌي ۽ ٿورو اڳيرو ويئي مس ته هڪ ڪتو وٽس پاڻي ڏسي سندس پرسان آس پاس ٿيا ڏيڻ لڳو.

ٿو رو اوريءِرو ٿي وري چوڻ لڳو ته " نه ڙي نه ! ھي بدمعاش مئو ته ڪونھي، ھي ته ڍُونگ ڪري پيو ٿو ڏسجي. جي سچ پچ مئو ھجي ھان ته ٻين واگھن وانگيان پڇ چونه پيو لوڏي ھا ؟ واگھُو مرندا آھن ته پڇ پيا ھلائيندا آھن ڪ نه "! گدڙ جي وائي ٻڌي بيعقل واگھُو ٿو دل ۾ چوي " مار! واگھُو مرندا آھن تڏھن سچ پچ پيا ھلائيندا آھن. پلا مُونکي ان جي ڪھڙي خبر؟ آءٌ ڪو اڳي مئو ھوس چا"؟ ائين چئي آھستي آھستي پڇ ھلائڻ لڳو. تڏھن ٿو گدڙ چويس " واھ ڙي چاچا واھ ! مئو ٻه ائين آھين نه ؟ ھا پاجي ! گدڙ سان ٻه چالاڪي "؟ گدڙ ائين چوندو، ٽپنگه ڏيندو ھليو ويو ۽ واگھُو جڪه ڪائيندو رھيو.

وري ٻه ڪيترا ڏينھن گذري ويا پر واگھُو جي پيٽ ۾ ڪجھه ٻه نه پيو ۽ لنگھڻ ڪيدي ڪيدي ويچارو ڳري رڳو ھڏيُون ۽ چم وڃي بچيو. ھاڻ وڏيڪ ڪانئس رھيو نه ٿيو سو چا ڪيائين جو وڃي گدڙ جي ڏر ۾ چپ ڪري لڪي ويھي رھيو. پر پھريائين ته ڏر ۾ ويندي وڏو ڪشالو ڪرڻو پيس چو جو ڏر جو منھن ھو سوڙھو. جئن تئن ڪري

مٿي ڪـوٺـي ڪرڙي، منهن وڏو ڪري اندر ڏٺو.
هيڏاهن گدڙ جان اچي ڏسي ته ڏرڙ جو منهن وڏو ٿيو پيو آهي ۽ ٻنهي پاسن کان نهن جا نشان لـڳا پيا آهن. وري ٻاهر ڏسي ته واگهوءَ جا پيرڻ لـڳا پيا آهن. سو ڏرڙ منجهه گهڙڻ بدران ٻاهران ئي ٻهي چـوڻ لـڳو "اي ڏرڙ، ڏرڙ! هون ته مان ايندو آهيان ته سڌي اندر نيندو آهينءَ، اڄ ڪا مدت ٿي آهي جو اچي بيٺو آهيان ته نـه ڪهڙي ڳوٺ، نه جيءَ، سو ڇو"؟ واگهوُ سمجهو ته شايد مان جو اندر ويٺو آهيان، تنهن ڪري ڏرڙ پـۆ ڪري گدڙ کي سڏ ڪونـه ٿو ڏي. سو پاڻ ئي آهستي آهستي ڪياءِ "اُون!" واگهوُ جو آواز ٻڌي گدڙ چوڻ لـڳو "يلا ڙي يلا! هاڻ مزو ٿـو چکايانءِ". ائين چئي گدڙ ٽڪڙو ٽڪڙو هليو ويو، سـو وڃي پسگردائي وارن سڀني گدڙن کي چئي آيو ته "پائي اڄ سڀني جي ماني مون وٽ اٿوءِ جڏهن اچـو تڏهن پلائي ڪري هرڪو هڪ هڪ سڪل ٻنڊي پاڻسان کنيو اچي". ٿوريءَ دير کان پوءِ گدڙن جا گارا اچي مهمانيءَ لي مڙيا. سڪل ٻنڊي هرڪو کڻي آيو. اسانجي گدڙ چـا

هيمي ۽ سهي ڪري ورتو ته ڪتي کي اُڃ آهي سو انکي به پاڻي پياريائين. وري اڃا ٿورو اڳتي ويئي ته ڏٺائين ته ڪي نينگر آهن سي اُس ۾ پيا ڊوڙ ڀڪ راند ڪن. انهن کي سڏي پڇيائين ته "اُڃ لڳي اٿوَ، پاڻي پيئندا"؟ ننڍن ٻارن سڀ ٻارڳڏجي چوڻ لڳس ته "پيئنداسُون، پيئنداسُون! ڏاڍي اُڃ لڳي اٿئُون". هيمي چيو ته "ٻڌن جهليو هٿ ته پياريانو" ائين چئي سڀني کي پاڻي پياريائين. نينگر پاڻي پي خوُش ٿي چوڻ لڳا "ادا، اچو ته هنکي هڪڙو گلدستو ڏيون. اهو ٻڌندي شرط منجهائن جيڪو سڀني کان ننڍڙو هو سو ڊوڙي وڃي ڪي سهڻا گل پتي گلدستو ٺاهي ڪڍي آيو ۽ آڻي هيمي کي ڏنائين. هيمي به هن کان گلدستو وٺي ڪنڌ نوائي موٽي درياه ڪان دلي ڀرڻ روانې ٿي ويندي ويندي وات ۾ ڏٺائين ته رستي جي پاسي کان ٻوٽا آهن جي پاڻي نه ملڻ ڪري سڪن پيا. سو باقي جيڪي دلي ۾ پاڻي بچيو هوس سو ڪڍي انهن ٻوٽن کي وڌائين. پوءِ ويئي درياه کي ۽ اچان دلي پاڻي ۾ ٻوڙيائين مس ته پنهنجي نالي سڏ ٻڌڻ ۾ آيس. نهاري ڏسي ته

ڪيو جو ويو سو ڪٿان وٽي هڪ پرندڙ ٻڌيءَ ڪٽي
آيو. پوءِ سڀ ٻڌيءُن ڏرڙ جي منهن وٽ سٿي
هيئان ڏنائين پرندڙ ٻڌي. هڪ هئي جهنگل جي
هوا ۽ ٻيو وري سڪل ڪاٺيوُن، سو چڱڻ لڳندي.
شرط جا ٻاھ ٻري تنهن جي ڳالهه ڪرڻ جي ناهي.
هاڻ واڳهو وچي سو وچي ڪيڏي؟ جي ٿو اندرئي
رهي ته به ٿو ٻوُسات جي مري ۽ جي ٻاهر ٿو نڪري
ته سڌو ٻاھ ۾ ٿو پوي. اندر ته رهي ڪين سگهيو
تنهن ڪري ٽپ ڏيئي نڪتو ٻاهر ۽ سڌو اچي پيو
مچ ۾ ۽ الئي پچڻ لڳو. جڏهن پچي راس ٿيو،
تڏهن ٿو اسانجو گدڙ چوي مهمانن کي ته ”جڙي
وهو ڄاءِ تي؛ طعام تيار آهي“. پوءِ ته سڀ اچي
لڳا پڪل گوشت کي. کائيندا به وڃن، چپ سان
چپ چٽيندا به وڃن ۽ اسانجي گدڙ کي آفرين ڏيندا
وڃن چي: ”واھ ڀائي واھ“! هڙو لذيذ طعام ته اڳي
اسان ڪونہ ماڻيو. ڏل جيئندو رهين. مهمان
اسانجي گدڙ کي آفرين ڏيندا، خوش ٿيندا ويا.
هي جو چوندا آهن ته مرن ۾ ڏاهي ۾ ڏاهو آهي
گدڙ، سو تحقيق آهي نہ، پيارا ٻالڪو؟

هڪ ديو ڪنيا بيٺي آهي، جا هيمي کان پڇڻ لڳي ته "اڃا هاڻ تون پاڻي پري ويئي هئين ۽ وري جلد ڪيئن آئي آهين"؟ هيمي چيو "آءٌ". ديو ڪنيا اڃا اتي ڪيس روڪي چيو ته "مونکي سڀ خبر آهي تنهنجي چوڻ جو ڪو ضرور ڪونهي تو جهڙي سليڇڻي نينگري مون ڪٿي به ڪانه ڏٺي. هاڻ آءٌ ته مان توکي ور ڏيان". ائين چئي هن هڪ به منتر پڙهي هيمي کي چيو ته "جڏهن جنهن شيءِ جي تون اڇا ڪندين ته ڏهن اها شيءِ هن دليءَ مان لهندين"، اهو ٻڌي هيمي نمي ڪري ديوي کي پرنام ڪيو. پوءِ دلي پري پانيائين ته هنج ڪڏان ته ديو ڪنيا چيس ته "هان توکي اها دلي ڇيلهه تي ڪڍي وڃڻي نه پوندي، اها پاڻيهي تنهنجي گهر هلندي"، ائين چئي جان هن پنهنجي هڪ آڱر دليءَ کي لاتي ته يڪدم دليءَ کي به ٽنگون، به ٻانهون، اکيون، وات، نڪ چپ ڪن نڪري نروار ٿيا ۽ هيمي کي چوڻ لڳي "دادي گهر هلو درياه تي آئي گهڻي دير ٿي آئو". هيمي ٻڌي حيران ٿي ويئي. تنهن تي ديوي مرڪي چيس "هيمي، عجب نه ڪاءُ. هيءَ

دلي هاڻ ٿنهنجي هر حالت ۾ رکيا ڪندي. جڏهن ڪا مشڪلات اچي سامهون ٿيندءِ تڏهن تڏهن هيءَ دلي انهيءَ کي منهن ڏيندي". ايترو چئي ديو ڪنيا الوپ ٿي ويئي. ٻوءِ هيمي اچرج ۾ غلطان گهر ڏي موٽڻ لڳي ۽ دلي ٻنيانس ٻمڪ ٻمڪ ڪندي هلڻ لڳي. هيمي دل ۾ چوڻ لڳي ته ٻاڙي وارا هي عجيب تماشو ڏسي ضرور ٻجي ويندا، ۽ وري آما ۽ بابا به الائي ڇا سمجهندا." مجاڻ دليءَ سندس من جي ڳالهه سمجهي ورتي ۽ چوڻ لڳس "هيمي، تون انهيءَ جي ڪابه چنتا نه ڪر. هو سڀ مونکي ڏسي سرها ٿيندا"، رستي تي جنهن ٿي هن هٿن پيرن واري دليءَ کي هلندو ڏٺو سو ٻيپ وڃان ٻيچ ٻايو ٿي پيو. ٻيا ته ڇڏيو پرڳوٺ جو وڏو زميندار جو پاڻ کي پهلوان ڪوٺائيندو هو سو به ڪو انهيءَ مهل ٻاهر گهمڻ نڪتو هو ۽ جنهن مهل سندس نظر وڃي هن دليءَ تي پيئي تنهن مهل ائين اٿي ڀڳو جو رام رکيا ڪري! اها به خبر ڪانه رهيس ته ڪيڏانهن ويئي مٿي جي ٽوپي ۽ ڪيڏانهن ويو هٿ جو لڪڻ. قصو ڪو تاه ته هيمي اچي گهر پهتي ۽ دلي به دليءَ رکڻ

جو پيڙو پيو هوائي وچي ويهي رهي. تنهنگون ٻانهون
ڪٽي پيٽ ۾ هنيائين ۽ دليءَ جي دلي تي ويئي.
تنهن ڪري ڳوٺ جا ماڻهو، جي زميندار جي
واٽان دليءَ جي هٿن پيرن ۽ هاڻ جي ڳالهه ٻڌي،
رؤنشوڌسڻ آيا سي نراس ٿي موٽي ويا. هيمي رات
جو ماءُ پيءُ سان دليءَ واري سموري حقيقت ڪئي.
هو ٻڌي اچرج ۾ پيا ۽ ديوڪنيا جا ٿورا مڃائون.

ٻئي ڏينهن صبوح جو سوير آواز تي هيميءَ
جي ننڊ کلي پيئي. هن ڏٺو ته گهر ۾ چڻ ڪوبهاري
پيو پائي. سو جهٽ پٽ بستري تان اٿي ڊوڙي
اچي جان ڪٽي ڏسي ته مار دلي گهر کي ويٺي
ٻهاري پائي. هيميءَ کي ڏسي چوڻ لڳي "چو
هيمي! سويل ئي اُٿي آهين؟ وڃ، وڃ، وڃي
سمهي رهه. هاڻ توکي ڪم ڪان ڇڏينءَ. اڳتي گهر
جا ڪمهنجي ڪرڻ جا سڀ ڪم مان ڪنديس".
هيمي خوش ٿي وري وڃي سمهي پيئي. پوءِ
هميشه جي وقت تي اُٿي سنان پاڻي ڪري وڃي
پنهنجي پڙهڻ لکڻ کي لڳي. ڏينهن گذري ويو
۽ جڏهن رات ٿي تڏهن هيمي ۽ دلي ويهي پاڻ ۾
ڳالهيون ڪرڻ لڳيون، ۽ ڳالهين مٿان ڳالهه نڪرندي

خراب ڳالهہ اٿاريائون. هيميءَ جو گهوٽ پرمتڙيو
ٿي انهن جي ڳالهين لڳي ويٺو هيميءَ کي ڪڏي
ڪونيءَ ۾ وڌو. ويچاري سڄي سياءَ واري نماڻي
هيمي پاڻ کي بيگناه بند ۾ ڏسي زار زار رئڻ
لڳي. جڏهن رات پيئي ۽ هوُ مؤ ٿري لڏهن
سندس دل آهستي آهستي ڪونيءَ جو در کولي وٺس
اچي چوڻ لڳي "هيمي ڊڄ نہ پڄوُن". هيمي
ڪجهہ بہ هان هوُن ڪرڻ ڏاران يڪدم دلي جي
پٺ وٺي اُٿي هلي. ويندي ويندي جڏهن هڪ
ڪانگهي پاڻي وارو درياه جيڪو کين پار لنگهڻو
پيو ٿنهن وٽ پهتيوُن لڏهن جان پڻيان ڪنڌي
نهارين نہ چا ڏٺون ڏسن جو کي لشڪري ماڻهوُ
کين پڪڙڻ لاءِ پيا اچن. اهو حال ڏسي هيمي
ڊپ وچان دانهوُن ڪري روئڻ لڳي پر دلي کيس
دلاسو ڏيئي چوڻ لڳي "چري رئين ڇو ٿي، بهي
تماشو ڏس نہ ڪيئن نہ ٿي لوبهہ پرايان". ائين
چوندي شرط رچي نديءَ جي ڪپ تي بهي دلي
ڏوڏو ڪري نديءَ ۾ ايترو نہ پاڻي پلٽيو جو
نديءَ ۾ اُتل اچي ويئي اهو حال ڏسي لشڪر جا
سپاهي جهڙا آيا تهڙا ئي پڻيان موٽي ويا ۽ هيمي

هيميءَ چيو ته "مون کي لکڻ پڙهڻ تي ڏاڍي دل آهي پر اسان وٽ ايترو پئسو ڪونهي جو مان سٺا سٺا ڪتاب وٺي پڙهان". اهو ٻڌي دليءَ چيس ته انهيءَ بابت ڪا به چنتا نه ڪر، صبوح ٿئي پوءِ چاڪج جوڪي چاڏا آڻي ڪٺا ڪجانءِ ته مان اهي سڀ کير سان ڀري ڏينديسانءِ ۽ تون انهيءَ کير مان مکڻ ڪڍي وڃي وڪڻجانءِ ته پئسا ڪوڙ ٿي پوندءِ پوءِ جيڪي سٺا ڪتاب وڻئي سي وٺي پڙهجانءِ".

صبوح جو هيميءَ کي پنهنجا ته کي پاڙي وارن کان چاڏا آڻي ڪٺا ڪيا. دليءَ اهي سڀ کير سان ڀري ڏنس. هيميءَ به همت ڪري منڌيئڙو هڻي هڪ هڪ مان مکڻ ڪڍيو ۽ ڪڻي وڃي بازار ۾ وڪيائين ۽ جهٽ پٽ ڪيائي جهولي پئسن جي ڀري گهر موٽي. روز به روز انهيءَ ريت مکڻ وڪڻي ٿوري ئي وقت ۾ هو پنهنجي سنهنجيءَ وارا ۽ چڱن ۾ اُٿڻ وهڻ جهڙا ٿيا.

الي هيمي به اچي عمر لائق ٿي سو پڻهس هڪ چڱي سشيل ور سان سندس شادي ڪرائي. شاديءَ جي ڏينهن اچي کو ڏسي ها اسانجي دليءَ بائيءَ

جي خوشي! ڪپڙن ۾ نه پيئي ماپي. انهيءَ ڏينهن ڪم ڪارين جي ڪيائين ٿي سي سڀ نچندي ۽ ٽپندي، ڄاڻيين لوڙي ماڄين کي جي ڪاڏا جوڙي ڪارايائين لن جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي.

ٻوءِ هيمي ڄڻهن ساهري ٿي ويئي تڏهن دلي به اُتي ساڻس هلي. هيمي ساهري اچي ڏسي ته مار! سندس گهوٽ جيڪو آهي سو آهي راڄا ۽ گهر ۾ نوڪر ۽ نوڪرياڻيون جو شمار ئي ڪونهي. سو نڪو هيميءَ کي نڪو دليءَ کي ڪو ڪم ڪاج ڪرڻ جو ضرور هو. لنهن ڪري دلي ڇا ڪندي هئي جو روز د روت ٿي بهندي هئي ۽ جيڪو پينو اچي صدا هڻندو هو لنهن کي سنا سنا مال ڪارائي ڏئي ڪيندي هئي. ڳوٹ جا ماڻهو دليءَ جي اهڙي جهڙي شڪل ڏسي ۽ سندس سداوت بابت ٻڌي عجب ۾ پوندا هوا ۽ هيميءَ کان انهيءَ دليءَ جي حقيقت ٻڌي هيميءَ جي ديالو سڀاءَ جي واکاڻ پيا ڪندا هوا. هيميءَ جي سک جون ڳالهيون ٻڌي سندس پيڪن جي ڳوٹ جا ڪي دشت ماڻهو پيا جلندا هوا ۽ پڻ پڇائيندا هوا ته ڪيئن سندس سک ۾ زهر وجهون. نيٺ هيميءَ جي نالي هڪ

دليءَ سميت سهي سلامت وجي پيڪي پهتي.

هڪ ڏينهن هيمي دليءَ سان گڏجي پيءُ جي باغ ۾ بيٺي گل پٽيا ته اوچتو دلي چوڻ لڳس "هيمي، اڄ پنهنجي گهر هڪ ماڻهو اچڻو آهي، آءٌ سندس پيرن جو آواز ٻه پيئي ٻڌان، اڌو توري ئي وقت ۾ توکي ڪيس ڏسنديس". اچا دليءَ چئي بس ڪئي ته سچ پچ هڪ ماڻهو باغ ۾ گهڙيو، ساهڙون هيميءَ کي بيٺل ڏسي نماڻو ٿي اچي اڳيانس بيٺو. اهو هو هيميءَ جو گهوٽ. ڇا ٿيو هو جو هيميءَ جي پيءُ وچڻ پڇاڙيءَ سندس پٽيءَ کي جاچ ڪرڻ بعد سورنهن ئي آنه پڪ ٿي ته هيمي بلڪل نردوش آهي، ۽ سندس دشمن اجايو مٿس دوش ڌريو هو. انهيءَ وقت کان وٺي هو هيميءَ لاءِ آتو ٿي سندس ڳولا ۾ گهوٽ گهمندو ۽ بن جهنگل لتاڙيندو نيٺ اُتي اچي نڪتو هو. هن هيميءَ کي ڏسي پنهنجي ڪئي تي پڇتاءُ ڪري ڪانئس معافي گهري ڪنهن کي هيمي هٿ کان وٺي گهر وٺي ريس ۽ پيءُ کان موڪلائي پتيءَ سان هلي ويئي. دلي به ساڻس هئي. الي پهچڻ پڇاڙيءَ دليءَ اچي هيميءَ کي چيو "دادي، هاڻ

کي مارڻ لاءِ ڏيو هو، پر موتي کين آيو هو. بادشاهه ڏنار کان ڏس پتو پڇي، نديءَ جي ڪناري تي اُهو هنڌ ڪوٺايو ته مٽل ڇوڪري جي هڏن جو پڃرو جنسي نڪري آيو. جڏهن بادشاهه جي سامهون اُن خوفناڪ گناهه جي ثابتي پيش ٿي، تڏهن ڪيس پڪ ٿي ته وڏي ڀاءُ، ننڍي جو خون ڪيو آهي ۽ پنهنجي نيچ خواهش دغا سان پوري ڪئي آهي.

بادشاهه غصي ۾ لال ٿي ويو. هن نانيءَ کي گهرائي ڪيس ڌمڪي ڏيئي، احوال پڇيو. ڏوهيءَ پڪي ثابتي ميسر ڏسي ڏوهه باسيو. اهڙي ڪميڻي خونيءَ جي پوري پوري سزا موت هئي ۽ جيتوڻيڪ هو سندس ناني هو، ته به اُن جو ويچار نه ڪري بادشاهه حڪم ڪيو ته هن مردود کي ڳوڻ ۾ بند ڪري جيئرو درياهه ۾ غرق ڪريو ته ڪيس قدر پوي ته جيئري ئي مرڻ ۾ ڪيڏو عذاب آهي. پوءِ ننڍي ڇوڪري جون هڏيون ڪڍائي شاهي قبرستان ۾ پوري مٿس هڪ عاليشان مقبرو اڏايو، جنهن تي وڏن اکرن ۾ لفظ اُڪرايا:

"سچي بهادر جو مقبرو"

ڇوڪري شينهن جي کل لاهي ڪلهي تي رکي ۽ بادشاه جي روبرو پيش ڪرڻ لاءِ پنهنجي گهر ڏانهن موٽڻ لڳو.

جڏهن جهنگل مان نڪري وسنءَ ۾ آيو، تڏهن ڇيڙي تي هڪ جاءِ آئي، جنهن ۾ ڪي آدمي ويهي شراب پي رهيا هئا ۽ ڪي ناچ گاني ۾ مشغول هئا. ڇوڪري جو وڏو ڀاءُ به ان ڇوڪرين ۾ ويٺو هو ۽ پنهنجي انجام کان منهن موڙي مؤجون ونڻي رهيو هو، ۽ نشي ۾ اهڙو ته ٻڏ هو، جو اها به خبر ڪانه هيس ته مان ڪٿي آهيان.

ڪجهه وقت کانپوءِ جڏهن نشو لٿس، تڏهن ڏٺائين ته ننڍو ڀاءُ، شينهن جي کل ڪلهي تي کڻي اچي پهتو آهي. اهو ڏسي کيس ڏاڍو ساڙ لڳو، ڇاڪاڻ ته هو دوکيباز ۽ بدنيت هو. پوءِ نه معلوم، دل ۾ ڇا سوچي، هو مشڪڻ لڳو ۽ اُٿي ٻاهر اچي ڀاءُ کي ڀاڪر پائي چوڻ لڳو "ڀائڙا، توکي اڪيلو هليو ويئين. مان اچي هتي انوڙن جي وچ ۾ ڦاٿس. خدا نه ڪري، پر جي توکي ڪجهه ٿي پوي ها ته پتو به نه پوي ها. وري به شڪر جو تون ڪامياب ٿئين. ايڏي هلاڪي

منهنجو ڪم پورو ٿيو، هاڻ توهان ويهي پنهنجي ور گهر سان سکي رهه هاڻ مان وينديس". جنهن ديوڪنيا مونکي تنهنجيءَ خدمت ۾ رکيو هو سا مونکي سڏي رهي آهي پر مان وڃان تنهن کان اڳي هڪ ڪم ڪري وينديس. تنهنجي گهوٽ جي راڄ ۾ پاڻي جي اڻاٺ آهي سو هڪ ندي پيدا ڪري ٿي وڃان ائين. چوندي شرط وٺي جا ڌائين هڪ ڏوڪ ته هڪ ندي گڙ گڙ ڪري وهڻ لڳي. هاڻ انهيءَ نديءَ ۾ گهڻي ئي ننڍيون وڏيون ٻيڙيون ته ڇڏيو پر جهاز به پيا هلن ۽ هو ڏاڍهن هيءِ پنهنجي ور ۽ ٻارن سان آنند جا ڏينهن پيئي گذاري.

## ڳالهي واري هڏي

ڪنهن ٻهراڙيءَ جي ڀرسان جهنگل ۾ هڪ شينهن رهندو هو، جو ڏهاڙي ٻنيون اُجاڙ ڪري ڇڏيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهن کي ماري کائي ويندو هو. وقتي وقتي ڳوٺ مان ننڍين ٻارن کي به کڻي ويندو هو. ڳوٺ ۽ آس پاس جا سڀ ماڻهو اچي بيزار ٿيا ۽ رڙ ۽ رڙ پئجي ويئي ته اُن آفت کان ڇڏايو. اها دانهن بادشاهه جي ڪن تي پيئي. جنهن ساري ملڪ ۾ منادي ڏياري ته جيڪو شخص اُن بلا کي ماريندو، تنهن کي وڏو انعام ڏنو ويندو. مگر اُهو حيوان اهڙو هيبتناڪ ۽ خونخوار هو، جو وڏن بهادرن جي دل به ڏهلجي ويئي. ڪنهن کي همت نه ٿي، جو سر جو آسرو لاهي وڃي شينهن جو مقابلو ڪري.

شينهن گهاٽي جهنگل ۾ رهندو هو. اوچتو ماڻهن کي مارڻ لاءِ اچي ڪڙڪندو هو ۽ وري گم ٿي

هڪ ٻيل سامهون ايندو ڏٺائين. ٻيل ڪانئس حال احوال پڇيو. ڇوڪري سربستو احوال ڏنو. سندس بهادري ۽ سياڻپ ڏسي ٻيل کي قياس پيو، جنهن ڪري هڪ ڀالو ڏنو ۽ شينهن کي مارڻ جي تجويز ٻڌايائين ته سامهون شينهن کي للڪارج. جڏهن وٽس ڪاڙي اچي، تڏهن ڀالو سندس وات ۾ ٽنبي ڏج. پرزور سان، پڪيءَ طرح. اُن وقت موت جي منهن ۾ ٻڄج نه. ڏاڍيءَ کي آسرو رکج ته ڪنهنجو ڪم ٿيندو.

ڇوڪري ٻيل جا ٿورا مڃيا ۽ ڀالو وٺي اڳتي روانو ٿيو.

ٿورن ميلن پنڌ ڪرڻ کانپوءِ شينهن نظر آيو، جنهن ڇوڪري کي ڏسي ڀرڪايون ته پڇ کي ٽيرائي ٽڪاءُ ڪيايو ته گويا بندوق جي گولي ڇٽي، پر ڇوڪرو بنو ڪين. پوءِ شينهن اهڙي سخت گجگوڙ ڪئي، جو سارو جهنگل ڏڪي ويو، پر ڇوڪرو دل جهلي بيٺو. پوءِ ته شينهن وات ڦاڙي مٿس حملو ڪيو، ته ڇوڪري ڏاڍيءَ کي ياد ڪري ڀالو سندس وات ۾ ٽنبي ڏنو. شينهن گهڻائي زور لاتا، پر ڀالو وڃي سندس نڙيءَ ۾ لڳو ۽ ڦٿڪي ڦٿڪي اُتي ئي مري ويو.

ويندو هو. جڏهن انعام جي لالچ لي به ڪو شينهن
کي مارڻ لاءِ تيار نہ ٿيو، تڏهن لاچار بادشاه اعلان
ڪيو تہ جيڪو شخص ان شينهن کي ماريندو،
تنهن جي شادي مان پنهنجي شهزاديءَ سان
ڪرائيندس. اهو ڍنڍورو ٻڌي ڪيترن جي دل
سرڪي. پر سرڪان آهو ڪڏهن سٽرو نہ آهي. نيٺ
ٻن ڀائرن ان مشڪل ڪم ۾ پنهنجي نصيب آزمائڻ
جو ارادو ڪيو. ٻئي هڪ غريب آدميءَ جا پٽ
هئا. وڏو چالاڪ، دوکيبازءِ شوخ هو. ننڍو حليم،
نيڪ ۽ ڀالو ڀولو. نيٺ پاڻ ۾ صلاح ڪري ٻئي بادشاه
جي اڳيان حاضر ٿيا ۽ هٿ ٻڌي عرض ڪيائون
"جيئندا اقبال، حڪم ملي تہ اسين شينهن کي مارڻ
جي ڪوشش ڪريون". بادشاه کين آفرين ڏني
۽ فرمايو تہ بهتر آهي تہ ٻئي جدا جدا طرفن کان
شينهن کي گهيرو ڪريو. ائين نہ ٿئي تہ شينهن
هڪ ئي وقت ٻنهي کي ڪائي ڪپائي ڇڏي.

اها صلاح مڃي وڏو ڀاءُ اوڀر طرف روانو ٿيو
۽ ننڍو اولهہ طرف، تہ جدا جدا طرفن کان نصيب
آزمائجي.

جڏهن ننڍو ڀاءُ ٿورو دور جهنگل ۾ ويو تڏهن

ڪانپوءِ ٽنهنجو ته هڏهڏ سور ڪندو هوندو. هاڻ هت ويهه. هڪ اڌ پيالو پيءُ ته سڀ ٺيڪ لهي ويندءِ.

ننڍي ڀاءُ سمجهيو ته وڏو ڀاءُ منهنجو همدرد آهي، ان ڪري بنا حجاب اندر هليو ويو. اُتي هت منهن ڌوئي، پاڻي پي ٺيڪ ٿيائين، پر ڪيتري زور پوڻ تي به، شراب خانه خراب جو ڍڪ به ڪين پيتائين. جڏهن ٻيا ويا هليا تڏهن هن ڀاءُ کي پيل جي ملاقات، ڀالي جي ملڻ ۽ شينهن کي مارڻ جو ڇيرائتو احوال ڏنو.

جڏهن سج لٿو، تڏهن ٻئي ڀائر اُها شينهن جي کل کڻي پنهنجي ڳوٺ ڏانهن روانا ٿيا. واٽ تي هڪ پل آئي. هيٺان ندي ٿي وهي. جڏهن پل جي وچ تي پهتا، تڏهن وڏي ڀاءُ تعجب مان رڙ ڪري ننڍي کي چيو "هيٺ ته ڏس، درياهه ۾ ڪيڏو نه واڳهُ ٿو وڃي"! ننڍي ڀاءُ هيٺ نهاريو ته وڏي کڻي زور سان ڪيس ڌڪو ڏنو. ننڍو ڀاءُ درياهه ۾ ڪري ٻڏي ويو. وڏو شينهن جي کل کڻي پنهنجي بهادريءَ جو انعام وٺڻ لاءِ ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو.

ٻئي ڏينهن صبوح ٿيو مس ته وڃي بادشاه جي اڳيان حاضر ٿيو ۽ ٻڌائڻ لڳو ته ڪيئن مون

جان جوکي ۽ وجهي شينهن کي ماريو آهي. بادشاه کي اصل معاملي جي نہ خبر ڪانہ رهي. هُو شينهن جي قتل جو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ انجام موجب پنهنجي شهزادي کيس پرڻايائين.

جڏهن ڪيترا ڏينهن گذري ويا ۽ ننڍو ڀاءُ نہ آيو، تڏهن ماڻهن ۾ سس پس ٿيڻ لڳي ۽ طرح طرح جا انومان ڪڍڻ لڳا. وڏي ڪان پڇيائون تہ ننهنجو ننڍو ڀاءُ ڪيڏانهن ويو، تہ هو دغاباز روئڻهارڪي شڪل ڪري چوڻ لڳو تہ هوُهن دنيا ۾ ڪونهي. شايد کيس شينهن ماري ڪائي ڇڏيو هوندو. جيئرو هجي ها تہ اچي نڪري ها. ماڻهو انهي ڪوڙ تي اعتبار ڪرڻ لڳا. ماڻهن کي ڪهڙي خبر تہ ڀاءُ، ڀاءُ جو خون ڪيو هوندو! مگر سچ چيو اٿن تہ خون ڪستوري ڳجهو ڪين رهي. ڏڻي تہ سيني جا نيڪ ۽ بدڪم ڏسي ٿو ۽ اُنهن کي سزا ڏئي ٿو، اڳي کي پوءِ نيٺ هن نابڪار ڀاءُ کي سيکت ڏيڻ لاءِ قدرت هڪ طريقہ پيدا ڪيو.

اُن دردناڪ واقع کي ڪيترا سال گذري ويا. ڏڻي جي قدرت سان هڪ ڏينهن ڇا ٿيو، جو هڪ ڌنار پنهنجي ٻڪرين جو ڌڻ اُن جڳهہ تي چاري

رهيو هو، جتي ويچاري ٻڌل ڇوڪرجو لاش اچي ڪناري سان لڳو هو، ۽ واريءَ ۾ پوريو پيو هو. لاش هڏا ڏئي ويو هو، هڪ ٻگهي هڏي نديءَ جي ڪناري پرسان واريءَ ۾ دٻي پيئي هئي ۽ اُن جي شڪل اهڙي مٺي ويئي هئي، گويا ڪا ڪاني آهي. اُن ۾ پورڻ هو (هڏا پورا ڏيندا آهن) ڏنار سمجهيو ته هيءَ ڪاني بانسريءَ جو ڪم ڏيندي.

منجهند جي مهل هڪ وڻ جي هيٺان ٻڪرار اُن مان بانسري ٺاهي. پر جان ئي چپن سان لڳائي، ته سوراخ ۾ ڦوڪ ڏيڻ سان بانسري خود بخود ڳائڻ لڳي :-

نه ڪو آهه ڪنهن جو- نه ڪو آهه ڪنهن جو،
دغا بازن ڏيو- سڀو ياءُ پنهن جو.
نه ڪو آ ڪنهن جو ............

١- ڏٽيءَ کي مون ساري- ڇڏيو شينهن ماري،
رکي سرتريءَ لي ڪيم ڪم هي اهنجو.
٢- دغا سان ڏڌاري- ڇڏيائينم ماري،
ڪٺي ويو وڏو ياءُ انعام سهنجو.
نه ڪو آ ڪنهن جو ............

ابوجهہ بڪرار وسميءَ ۾ پنهنجي ويو تہ هيءُ کهڙو لعجب جو بانسري پاڙهي ٿـي ڳائي. هـن خيال ڪيو تہ ههڙي ڪرامتي بانسري بادشاه وٽ هئڻ گهرجي. ڪيس سوکڙي ڪري ڏجي تہ وڏو انعام ملندو. اهو خيال ڪري هوُ ٽـکو ٽکو بادشاه جي دربار ڏانهن هليو.

بادشاه احوال ٻڌي بانسري هٿ ۾ ورتي. اچا چپن سان مس لـڳـائي تہ از خود ڳائڻ لـڳي:ـ

نہ ڪو آهہ ڪنهن جوـ نہ ڪو آهہ ڪنهن جو،
دغـا بـاز ٿـي پيو سـڳو ڀـاءُ پنهن جـو،
نہ ڪو آ ڪنهن جو..............

١ـ ڏاڏيءَ کي مون ساري ـ ڇڏيو شينهن ماري،
رکي سر ٽريءَ تي ڪيم ڪم هي اَهنجو.
٢ـ دغـا سان ڏاڌـاري ـ ڇـڏيـائيم مـاري،
ڪـٽـي ويـو وڏو ڀـاءُ انـعام سهنجـو.
نہ ڪو آ ڪنهن جو..............

اهو دردناڪ گيت ٻڌي بادشاه جا ڪن کڙا ٿي آيا. گيت جو سوز دل ۾ پيهي ويو. ان ڳيت جي معنيٰ تي بادشاه غور ڪيو تہ ڪيس ننڍي ڇوڪري جي يادگيري پيئي، جو وڏي ڀاءُ سان گڏ شينهن



بادشاهه دردناڪ گيت ٻڌي رهيو آهي